جمهوري سوچ جي ترجمان

ABC
CARTL_

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايڊيٽر:
حاجي محمد حنيف ميمڻ

ايڊيٽر:
سيد گل شاه

جلد 16 | چنڇر 12 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 29 ربيع الاول 1448هه | قيمت: 20 | شمارو 331

سنڌ جو ورهاڱو صوبي جي عوام جي مرضيءَ کان سواءِ مڙهي نٿو سگهجي: وڏي وزير جو اعلان

وڏو وزير مراد علي شاهه قائداعظم محمد علي جناح جي 78 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس شاندار پيٽا پيش ڪندي قومي ٻڌيءَ، آئين جي بالادستي ۽ جمهوريت جي پاسداري لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو

هن مير رضا قتل ڪيس ۾ غيرجانبداراڻي عدالتي عمل ذريعي انصاف کي يقيني بڻائڻ جي خاطري پڻ ڪرائي، آئين ۾ صوبائي سرحدن جي حوالي سان هڪ واضح بيان ٿيل آهي

جنهن تحت لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي ٻه ٽهائي جي اڪثريت جي منظوري کان سواءِ صوبي جي حدن ۾ تبديلي ڪرڻ ناممڪن آهي، هن سنڌ اسيمبلي پاران صوبي جي ورهاڱي خلاف پاس ڪيل قراردادن جو حوالو

سنڌ جي عوام پنهنجي چونڊيل نمائندن ذريعي اڳ ۾ ئي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري چڪيو آهي، لاڳاپيل صوبي جي رضامندي کان سواءِ صوبائي سرحدن کي تبديل ڪرڻ جي ڪا به ڪوشش غير آئيني ۽ ناقابلِ قبول هوندي

مير رضا قتل ڪيس بابت پڇيل سوالن جو جواب ڏيندي مراد علي شاهه ان تاثر کي رد ڪري چڪيو ته جاچ ۾ ڪا مداخلت ٿي رهي آهي سنڌس حڪومت مقتول جي خاندان کي انصاف فراهم ڪرڻ لاءِ مڪمل طور تي پرعزم آهي

وڏي وزير پنهنجي ڪابينا جي ميمبرن ۽ اعليٰ حڪومتي عملدارن سان گڏ بابا ءِ قوم جي 78 هين ورسي تي ڪيس عقيدت جو نذرانو پيش ڪرڻ لاءِ مزار قائد جو دورو ڪيو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه قائداعظم محمد علي جناح جي 78 هين ورسي جي موقعي تي ڪيس شاندار پيٽا پيش ڪندي قومي ٻڌيءَ، آئين جي بالادستي ۽ جمهوريت جي پاسداري لاءِ پنهنجي حڪومت جي عزم کي ورجايو آهي. هن واضح لفظن ۾ چيو ته سنڌ جو ورهاڱو صوبي جي عوام جي مرضيءَ کان سواءِ مڙهي نٿو سگهجي جڏهن ته هن مير رضا قتل ڪيس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر20

ڪراچي: وزيراعلي سنڌ مراد علي شاهه ميڊيا سان ڳالهائيندي

نيشنل بئنڪ آف پاڪستان پاران جاري ڪيل مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد جا اڳهه جاري

ڪراچي (رپورٽر) نيشنل بئنڪ آف پاڪستان مختلف ملڪن جي ڪرنسين جي وڪري ۽ خريد ج/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر21

وزيراعظم پاران اڳوڻي هاڪي ڪپتان ۽ اولمپڪ گولڊ ميڊلسٽ خالد محمود جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف اڳوڻي هاڪي ڪپتان ۽ اولمپڪ گولڊ ميڊلس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر22

پاڪستان جي زرعي شين جي لاءِ عالمي منڊين تائين پهچ وڌائڻ ۽ نيون منڊيون ڳولڻ لاءِ جامع قدم کنيا وڃن: وزيراعظم

وزيراعظم شهباز شريف جي صدارت ۾ زرعي شعبي ۽ زرعي برآمدات جي فروغ جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو

پاڪستان جي زرعي شين جي لاءِ عالمي منڊين تائين پهچ وڌائڻ ۽ نيون منڊيون ڳولڻ لاءِ جامع قدم کنيا وڃن زرعي شعبي جو پاڪستان جي معيشت جي ترقي ۽ استحڪام ۾ اهم ڪردار آهي

في ايڪڙ زرعي پيداوار ۾ اضافي، زراعت ۾ جدت آڻڻ، لائيو اسٽاڪ جي شعبي جي ترقي ۽ زرعي برآمدات جي فروغ لاءِ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ موثر رابطو ۽ پائيواري ضروري آهي

وزيراعظم زرعي برآمدات جي فروغ لاءِ پاڪستان جي پرڏيهي ملڪن ۾ مشنز ۾ مقرر ڪمرشل آفيسرن کي موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي

وزيراعظم آبادگارن کي فصلن جي نگراني لاءِ موجود موبائل ايپ جي حوالي سان آگاهي وڌائڻ جي لاءِ موثر ميڊيا مهم هلائڻ جي به هدايت ڪئي

زرعي شعبي جي برآمدات وڌائڻ لاءِ زرعي شين ۾ ويليو ايڊيشن تمام گهڻي ضروري آهي. اجلاس ۾ زرعي شعبي جي فروغ ۽ زرعي برآمدات وڌائڻ لاءِ تجويزون پيش ڪيون ويون

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم شهباز شريف في ايڪڙ زرعي پيداوار ۾ اضافي، زراعت ۾ جدت آڻڻ، لائيو اسٽاڪ جي شعبي جي ترقي ۽ زرعي برآمدات جي فروغ جي لاءِ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ موثر رابطي ۽ پائيواري جي ضرورت تي زور ڏيندي چيو آهي ته پاڪستان جي زرعي شين جي لاءِ عالمي منڊين تائين پهچ وڌائڻ ۽ نيون منڊيون ڳولڻ لاءِ جامع قدم ڪنيا وڃن. جمعي ڏينهن وزيراعظم آفيس جي پريس/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر1

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اجلاس جي صدارت ڪندي

اسحاق ڊار جي صدارت ۾ اي سي او وزيرن جي ڪائونسل جي ايندڙ اجلاس جي تيارين جو جائزو وٺڻ لاءِ اجلاس

نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير کي اي سي او وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس جي تيارين، تجويز ڪيل پروگرام ۽ ايجنڊا، مهمانن جي شرڪت

پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار وزيرن جي ڪائونسل جي ايندڙ اجلاس جي تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو

هن اقتصادي تعاون تنظيم ۽ علائقائي واپار، رابطن ۽ اقتصادي تعاون جي فروغ ۾ ان جي ڪردار کي پاڪستان پاران ملندڙ اهميت تي زور ڏنو

اسلام آباد (بيورو) نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر محمد اسحاق ڊار جي صدارت ۾ ٿيل ا/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر2

ٻارن جي تحفظ جي لاءِ سياسي عزم، مضبوط ادارا ۽ مسلسل قدم ضروري آهن: خاتون اول آصفه ڀٽو

حڪومتي ادارا، صوبائي عملدار، اسڪول، سول سوسائٽي، مذهبي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ خاندان پنهنجي ٻارن جو تحفظ هڪ گڏيل قومي ذميواري بڻائين

هر ٻار کي گهر، اسڪول، معاشري ۾ ۽ هاڻي وڌندڙ حد تائين ڊيجيٽل جي دنيا ۾ به محفوظ ماحول ۾ پرورش ماڻڻ جو مڪمل حق حاصل آهي

اسلام آباد (بيورو) خاتون اول آصفه ڀٽو زرداري چيو آهي ته ٻارن جي تحفظ جي لاءِ سياسي عزم، مضبوط/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر3


هونگ ڪونگ: وفاقي وزير جام ڪمال خان سان چيني وزير ملاقات ڪندي

قاعداعظم جي بصيرت، سياسي تدبر جي نتيجي ۾ ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي آزاد وطن پاڪستان نصيب ٿيو: وفاقي وزير

قاعداعظم محمد علي جناح جي عظيم جدوجهد ۽ لازوال قيادت پوري قوم لاءِ مشعل راهه آهي

قاعداعظم جا ايمان، اتحاد ۽ نظم وضبط جا ڏنل سنهري اصول اڄ به پاڪستان جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جو بنياد آهن

قاعداعظم جو خواب هڪ اهڙي پاڪستان جو هو جتي سمورن شهرين کي بنا ڪنهن فرق جي حق حاصل هجن

اسلام آباد (بيورو) پارليامانی معاملن بابت وفاقي وزير ڊاڪٽر طارق فضل چوڌري پاڪستان جي باني قاعداعظم محمد علي جناح کي خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته قاعداعظم جي بصيرت، سياسي تدبر، اصول پسندي ۽ عظيم جدوجهه/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر5

”ڊالا“ ڪلچر ختم ٿيڻ گهرجي: ميئر ڪراچي

ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب صفورا چورنگي وٽ ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسرن تي ٿيل حملي واري واقعي کي افسوسناڪ قرار ڏنو

عوامي مسئلن جي حل لاءِ آواز اٿارڻ جو طريقو عوام کي تڪليف ڏيڻ نه هجڻ گهرجي

جماعت اسلامي کي پيٽروليم ليوي خلاف احتجاج قانون جي دائري ۾ رهي ڪرڻ گهرجي ۽ عوام کي پريشان ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب صفورا چورنگي وٽ ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسرن تي ٿيل حملي واري واقعي کي افسوسناڪ قرار ڏنو ۽ چيو ته شهر مان ”ڊالا“ ڪلچر ”(يعني ڪليل ڊالن ۾ هٿياربند محافظن سان گهمڻ) جو خاتمو ٿيڻ گهرجي. مزارِ قائد جي دوري ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي مرتضيٰ وهاب چيو ته عوامي مسئلن جي حل لاءِ آواز اٿارڻ جو /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر6

محنت ڪندڙ آفيسر شاباش جا مستحق آهن: صوبائي وزير

تربيت يافته نوجوان صوبي جي ڀاڳين جي ڀرپور خدمت ڪري سگهندا: محمد علي ملڪاڻي

ڪورنگي ۾ 6 مهينن جو ڊپلوما ۽ انٽرنشپ ڪندڙ نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ سائنسي اوزار ورهايا ويا

اسان جا سڀ ادارا محنت ڪري رهيا آهن ته جيئن مستقبل ۾ اسان جو نوجوان اهي سڀ ادارا سنڀالي سگهي

هن اداري جي محنت ۽ ڪارڪردگي کي پرنٽ ڪرائي ملڪ جي ٻين صوبن کي به موڪليو وڃي: ڊاڪٽر ڪاظم

ڪراچي (رپورٽر)سنڌ جو لائيواسٽاڪ کاتو پنهنجي نوجوانن کي تربيت ڏئي، روزگار جا موقعا فراهم ڪري رهيو آهي. جڏهن ته اهي تربيت يافته نوجوان اسان جي سنڌ جي ڀاڳين جي به خدمت ڪري سگهندا. اهڙن خيالن جو اظهار صوبائي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر7

سنڌ هاءِ ڪورٽ يونٽي فوڊز ڪيس ۾ نامزد جوابدار فرخ امين گوڊيل جي حفاظتي ضمانت رد

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ هاءِ ڪورٽ يونٽي فوڊز ڪيس ۾ نامزد جوابدار فرخ امين گوڊيل جي حفاظت/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر8

پروفيسر تي تشدد ڪندڙ مک جوابدار گرفتار

ڪراچي (رپورٽر) پوليس ڪراچي يونيورسٽي جي پروفيسر عارف ساقي ۽ سنڌس ڀائيٽي تي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر9

اورنگي ٽائون جي هڪ خانگي اسپتال ۾ مبينا طور غلط ڪينولا لڳڻ سبب ٻار جو هٿ ضايع ٿيڻ واري ڪيس ۾ نامزد ڊاڪٽرن ۽ عملي جي اڃا تائين گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) اورنگي ٽائون جي هڪ خانگي اسپتال ۾ مبينا طور غلط ڪينولا لڳڻ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر10

ڪراچي: ميئر ڪراچي مرتضي وهاب ميڊيا سان ڳالهائيندي

ميڊيڪل ڪاليجن مان افغان شاگردن کي نيڪالي نه ڏيڻ جو حڪم

ڪاليجن مان افغان ميڊيڪل شاگردن کي نيڪالي ڏيڻ خلاف لاهور هاءِ ڪورٽ ۾ داخل درخواستن تي ٻڌڻي

جسٽس خالد اسحاق 30 کان وڌيڪ افغان شاگردن جي درخواستن تي ٻڌڻي ڪئي

لاهور (م د) لاهور هاءِ ڪورٽ پنجاب جي سمورن ميڊيڪل ڪاليجن کي افغان شاگردن کي نيڪالي ڏيڻ کان روڪي ڇڏيو آهي. ڪاليجن مان اف/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر11

مون کي ايران خلاف جنگ بابت افسوس ناهي: ٽرمپ

جيتوڻيڪ هن تڪرار جا نومبر ۾ ٿيندڙ آمريڪي مڊٽرم چونڊن تي اثر پئجي سگهن ٿا

”مان افسوس ‘ (regret) واري لفظ تي يقين نه ٿو رکان؛ ڪنهن به فيصلي کان پوءِ ان تي سوال اٿاري سگهجن ٿا

جيڪڏهن ڪيس اهوئي فيصلو ٻيهر ڪرڻو پوي ها، ته هو بلڪل اهوئي ڪري ها جيڪو هن ڪيو هو

واشنگٽن (م د) آمريڪي صدر ڊونلڊ ٽرمپ چيو آهي ته ڪيس ايران سان ڇڪتاڻ شروع ڪرڻ تي ڪو به پشيماني يا افسوس ناهي. جيتوڻيڪ هن تڪرار جا نومبر ۾ ٿيندڙ آمريڪي مڊٽرم چونڊن تي اثر پئجي سگهن ٿا. آمريڪي ميڊيا سان ڳالهائيندي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر12

پاڪستان کي ترقي يافته ۽ فلاحي رياست ٺاهڻ باباءِ قوم جي سياسي ميراث جو اولين مقصد آهي: وزيراعظم

پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ ڀلائي پوري قوم جي گڏيل ڪوشش سان ئي ممڪن آهي

اسلام آباد (بيورو) وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو آهي ته پاڪستان کي ترقي يافته ۽ فلاحي رياست ٺاهڻ باباءِ قائداعظم جي سياسي ميراث/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر19

سنڌ ۾ پاڻي، گئس، بجلي ۽ موٽروي جي معاملن ۾ مسلسل ناانصافي ڪئي پئي وڃي: شرجيل انعام ميمڻ

لوڊشيڊنگ پاڪستان ۾ گورننس جي ناڪامي جي اعليٰ ترين مثال آهي حيسڪو، سيپڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ جهڙا ادارا ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا آهن

ڪي اليڪٽرڪ کي خانگي شعبي کي ڏنو ويو هو، پر ڪراچي ۾ اڄ به لوڊشيڊنگ جاري آهي. اهو مسئلو اسيمبلي ۾ بار بار اٿاريو ويو آهي ۽ اسيمبلي ۾ موجود سڀئي سياسي پارٽيون متفق آهن

بجلي فراهم ڪندڙ ادارا به منافعو ڪمائي رهيا آهن، پوءِ حڪومت هن مسئلي جي مستقل حل لاءِ هڪ اثرائتو طريقو ڇو نٿي ٺاهي؟

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي سينئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ جي صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته لوڊشيڊنگ سنڌ ۾ هڪ تمام سنگين مسئلو آهي، پاڻي ۽ بجلي واري وزارت جي نااهلي ۽ بدانتظامي جا نتيجا عوام ڀوڳي رهيا آهن. جڏهن ته لوڊشيڊنگ پاڪستان ۾ گورننس جي ناڪامي جي اعليٰ تري/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر18

بيجنگ ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۾ سنڌ واديءَ جي قديم مهرن جي رسم الخط تحقيق جي افتتاحي تقريب جو ڏيک

انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس سنڌ جي ڪميٽين جي ذميوارن جو اهم اجلاس طلب

جي يو آءِ سنڌ جي سمورين ڪميٽين جي ذميوارن جو اهم اجلاس 13 سيپٽمبر سکر ۾ منعقد ٿيندو

مختلف ڪميٽين جي ڪارڪردگي ۽ ايندڙ جي لائحہ عمل جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو

ڪراچي(رپورٽر) انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس سنڌ جي ڪميٽين جي ذميوارن جو اهم اجلاس طلب اجلاس ۾ تيارين، انتظامن، مختلف ڪميٽين جي /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر17

موسميات کاتي ڪراچي ۾ ايندڙ ڏينهن دوران موسم جي صورتحال بابت اڳڪٿي

شهر ۾ 14 ۽ 15 سيپٽمبر تي تيز هوائن، ڪڻن ۽ گجگوڙ سان گڏ تيز برسات جو امڪان

شهرين کي ممڪن شهري ٻوڏ ۽ ٻين مسئلن کي نظر ۾ رکندي احتياطي اپاءَ اختيار ڪرڻ جي هدايت

اسلام آباد (بيورو) موسميات کاتي ڪراچي ۾ ايندڙ ڏينهن دوران موسم جي صورتحال بابت اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته شهر ۾ 14 ۽ 15 سيپٽمبر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر16

ڪراچي ۾ پوليس مقابلن ۾ 7 ڌاڙيل گرفتار، 4 زخمي

سندن قبضي مان هٿيار، موبائيل فون، موٽر سائيڪلون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي

ايم_9 موٽر وي (گڏاپ روڊ) تي هڪ مقابلي ڪانپوءِ ڀڄ شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ پوليس مقابلن دوران ست مبينا ڌاڙيلن کي گرفتار ڪيو ويو، جن مان چار زخمي ٿيا هئا؛ سندن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر15

واپار واري وفاقي وزير سان هانگ ڪانگ جي چيف ايگزيڪيوٽو جي ملاقات

گڏيل واپار، سيڙپڪاري ۽ عوامي رابطا وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ

اقتصادي ترقي بابت سيڪريٽري الجرنن يائو ۽ پاڪستاني قونصل جنرل رياض احمد شيخ به موجود هئا

هانگ ڪانگ (م د) واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان سان هانگ ڪانگ جي چيف ايگزيڪيوٽو جان لي ڪاچيو ملاقات ڪئي جنہ/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر14

ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري

سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 16 هزار 300 ڪيوسڪ

هيٺانهون وهڪرو 1 لک 54 هزار 800 ڪيوسڪ رهيو

اسلام آباد (بيورو) واپڊا ملڪي دريائن ۽ آبي ذخيرن ۾ پاڻي جي آمد ۽ ڇوڙ جا انگ اکر جاري ڪيا آهن. جمعي ڏينهن جاري ڪيل انگن اکرن مطاب/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر13

پشاور: گورنر ڪي پي ڪي فيصل ڪريم ڪنڊي سان فرحان شهزاد ملاقات ڪندي

قائداعظم رڳو هڪ ملڪ قائم نه ڪيو پر ايندڙ نسلن کي هڪ سوچ، هڪ مقصد ۽ وڏي ذميواري پڻ سونپي: بلاول

بلاول ڀٽو ۽ فريال ٽالپر طرفان قائداعظم محمد علي جناح جي 78 هين ورسيءَ جي موقعي تي ڪيس خراج عقيدت پيش

اسان کي قائداعظم جي ورسيءَ جي موقعي تي سندس خواب کي حقيقت جو روپ ڏيڻ واري عزم جي تجديد ڪرڻي پوندي

ڪراچي(اين اين آءِ) پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر23

ملڪ جي 115 ضلعن ۾ 21 کان 27 سيپٽمبر تائين قومي پوليو مهم منعقد ڪئي ويندي: نيشنل اي او سي

اسلام آباد (بيورو) نيشنل اي او سي چيو آهي ته سڄي ملڪ جي 115 مخصوص ضلعن ۾ 21 /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر24

حمزه شهباز شريف پاران ڊجيٽل ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ جو دورو

وفاقي وزير عطاءُ الله تارڙ ڪيس کاتي جي مختلف شعبن، دائري ۽ ڪم ڪار بابت تفصيلي بريفنگ

قومي بيانيي کي اجاگر ڪرڻ سميت ڊجيٽل ڪميونيڪيشن جي مختلف رخن تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي

اسلام آباد (بيورو) مسلم ليگ (ن) جي نائب صدر ۽ پنجاب جي اڳوڻي وڏي وزير حمزه شهباز شريف اطلاعات ۽ نشريات واري وزارت جي ڊجيٽل /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر25

قاعداعظم هڪ ورهايل قوم کي نظريو، شعور ۽ آزاد رياست ڏني: وفاقي گهرو وزير

ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي غلامي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ دنيا جي نقشي تي هڪ آزاد ۽ باوقار رياست قائم ڪئي

قائد اعظم جي شخصيت ۾ ڪردار جي بلندي، سچائي ۽ عمل جي هڪجهڙائي نمايان هئي

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر26

اسلام آباد: حمزه شهباز شريف پاران ڊجيٽل ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ جو دورو ڪندي

قاعداعظم جي ويزن مطابق ريلوي کي جديد ۽ منافعي بخش ادارو بڻائي رهيا آهيون: وفاقي وزير

قاعداعظم اعليٰ قيادت، اصول پسندي ۽ عظيم جدوجهد مسلمانن لاءِ آزاد وطن جو خواب پورو ڪيو

موجوده حڪومت ملڪ کي معاشي استحڪام ۽ ترقي جي رستي تي گامزن ڪرڻ لاءِ عملي قدم کڻي رهي آهي

ريلوي ۾ سڌارن، ڊجيٽلائيزيشن، جديد ٽيڪنالاجي ۽ انفرا اسٽرڪچر جي بهتري حڪومت جي ترقياتي ايجنڊا جو اهم حصو آهي

اسلام آباد (بيورو) ريلوي واري وفاقي وزير محمد حنيف عباسي چيو آهي ته قاعداعظم اعليٰ قيادت، اصول پسندي ۽ عظيم جدوجهد مسلمانن لاءِ آزاد وطن جو خواب پورو ڪيو. وزيراعظم محمد شهباز شريف جي قيادت ۾ موجود/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر28

قاعداعظم جا رهنما اصول پاڪستان جي بقاءَ ۽ خودمختياري جا ضامن آهن: عبدالعليم خان

پاڪستان جي باني جي قيادت، عزم ۽ اصول ئي هن ملڪ جو مضبوط بنياد آهن

قاعداعظم اتحاد، ايمان ۽ نظم و ضبط ذريعي ورهايل قوم کي هڪ نئون رستو ۽ سڃاڻپ ڏني

قاعداعظم جي ديانتداري، امانتداري ۽ اصول پسندي قوم لاءِ هميشہ مشعل راهه رهندي

اسلام آباد (بيورو)وفاقي وزير ۽ استحڪام پاڪستان پارٽي جي صدر عبدالعليم خان، قاعد اعظم محمد علي جناح کي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته پاڪستان جي باني جي قيادت، عزم ۽ اصول ئي هن ملڪ جو مضبوط /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر29

ضياءُ الحسن لنجار پاران ٿاڻن جا دورا، 3 ايس ايڇ او معطل

ڊيوٽي تان غير حاضر، بنا وردي موجود ۽ فرضن ۾ غفلت ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن خلاف ڪارروائي ڪندي ڪيترن ئي اهلڪارن کي معطل ڪيو ويو

سنڌ جي گهرو وزير سڀ کان پهريان فيروز آباد ٿاڻي جو اوچتو دورو ڪيو، جتي هن ٿاڻي ۾ موجود شهرين کان سندن مسئلا معلوم ڪيا

هن مختلف ڪيسن ۾ حراست هيٺ ماڻهن کان پوليس جي ورتاءَ ۽ ٻين معاملن بابت پڻ معلومات ورتي

فيروز آباد ٿاڻي ۾ بنا وردي موجود عملي خلاف ڪارروائي ڪندي سب انسپيڪٽر وسيم کي معطل ڪري هڪ درجو هيٺ ڪيو ويو

ڪراچي(رپورٽر)سنڌ جي گهرو وزير ضياءَ الحسن لنجار ۽ ڪراچي جي ميئر مرتضيٰ وهاب رات دير سان شهر جي مختلف ٿاڻن جا اوچتا دورا ڪيا، جتي ڊيوٽي تان غير حاضر، بنا وردي موجود ۽ فرضن ۾ غفلت ڪندڙ پوليس آفيسرن ۽ اهلڪار/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر30

اسلام آباد: وفاقي وزير رانا تنوير حسين سان پرڏيهي سفير ملاقات ڪندي

بارڙو بيٺل پاڻي ۾ ٻڏي فوت ٿي ويو

ڪراچي (رپورٽر) ڪراچي ۾ سِوڪ سينٽر جي ويجهو هڪ پلاٽ تي موجود پاڻي جي تلاءُ ۾ /ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر31

وفاقي گهرو وزير پاران ڪرم ۾ ڪامياب آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي خراج تحسين پيش

اسلام آباد (بيورو) گهرو معاملن واري وفاقي وزير محسن نقوي ڪرم ضلعي ۾ فتنہ الخوارج جي دهشتگردن خلاف ڪامياب انٽيليجن/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر32

ڪراچي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جماعت اسلامي جي هڙتال دوران هنگامي ۽ ساڙ ٻارواري ڪيس ۾ 6 جوابدارن جي ضمانت منظور ڪري ورتي

ڪراچي(رپورٽر) ڪراچي جي دهشتگردي ٽوڙ عدالت جماعت اسلامي جي هڙتال دوران هنگامي/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر33

پي ٽي آءِ جو مارچ آزاد عدليه لاءِ آهي: بيرسٽر گوهر

پارٽي خودمختيار عدليه ۽ خودمختيار اليڪشن ڪميشن لاءِ جدوجهد ڪري رهي آهي

پي ٽي آءِ باني کي ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد ڪيو ويو آهي

لاهور (م د) پي ٽي آءِ چيئرمين بئريسٽر گوهر چيو آهي ته پارٽي خودمختيار عدليه ۽ خودمختيار اليڪشن ڪميشن لاءِ جدوجهد ڪر/ڏسو صفحو 2 بقايا نمبر34

پشاور ۾ ڪارروائي، اهم ڪمانڊر سميت 5 دهشتگرد مارجي ويا

مارجي ويل دهشتگردن ۾ پابندي مڙهيل تنظيم ”آءِ ايس_ڪي پي جو اهم ڪمانڊر عمران به شامل هو

اهي دهشتگرد حساس تنصيبات، امام بارگاهن ۽ گرجا گهرن تي وڏن حملن جي رٿابندي ڪري رهيا هئا

دهشتگردن وٽان هڪ ايس ايم جي (SMG)، چار پسٽل، ٻه هٿ گريناڊ، هڪ آءِ اي ڊي (IED)، پنج ميگزين ۽ وڏي مقدار ۾ گوليون هٿ ڪيون ويون

پشاور (م د) پشاور ۾ شمشتو ڪيمپ جي ويجهو ”ارمڙ“ واري علائقي ۾ سي ٽي ڊي جي هڪ آپريشن دوران پابندي مڙهيل تنظيم جي ڪمانڊر سميت پنج اهم دهشتگرد مارجي ويا. مارجي ويل دهشتگردن ۾ پابندي مڙهيل تنظيم/ڏسو صفحو 2 بقايا نمب35

جمهوري سوچ جي ترجمان

Daily
AWAMI SOACH
Karachi

روزاني
عوامي سوچ
ڪراچي

چيف ايگزيڪيوٽو : سيد شفقت حسين شاهه شيرازي

ڇنڇر 12 سيپٽمبر 2026ع بمطابق 29 ربيع الاول 1448ھ

پيٽرول بم هيٺ دٻيل عوام

ملڪ ۾ پيٽروليم شين جي اگهن ۾ مسلسل واڌ عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ کي ڏکي کان ڏکيو بڻائي ڇڏيو آهي. پيٽرول رڳو گاڏي هلائڻ لاءِ استعمال ٿيندڙ ٻارڻ ناهي، پر ملڪ جي معاشي زندگيءَ جي لڳ ڀڳ هر شعبي سان ڳنڍيل آهي. پيٽرول جي اگهه ۾ واڌ سان اڄ وڃ جا خرچ وڌن ٿا. سامان جي پهچائڻ جو خرچ وڌي ٿو. کاڌي پيتي جون شيون مهانگيون ٿين ٿيون. زرعي پيداوار جي لاڳت وڌي ٿي ۽ ڪارخانن کان وٺي ننڍن دڪاندارن تائين هر ماڻهوان جو بار برداشت ڪري ٿو اهڙي صورتحال ۾ جماعت اسلامي پاران پيٽروليم شين جا اگهه گهٽائڻ ۽ پيٽروليم محصول ختم ڪرڻ لاءِ احتجاج ۽ حڪومت سان ڳالهين جو سلسلو عوام جي وڌندڙ بيچينيءَ جي چٽي نشاني آهي.

10 سيپٽمبر تي وفاقي حڪومت ۽ جماعت اسلامي وچ ۾ پيٽروليم محصول ختم ڪرڻ بابت ڳالهين جو ٻيو دور مڪمل ٿيو. جنهن ۾ جماعت اسلامي حڪومت آڏو پنهنجا ڇهه نقطا رکيا ۽ پيٽروليم شين جا اگهه گهٽائڻ جو مطالبو ڪيو. جماعت اسلامي جي اڳواڻ لياقت بلوچ موجب حڪومتي ڳالهين واري ٽولي وٽ سندن موقف رد ڪرڻ لاءِ ڪو پڪو دليل موجود نه هو. جڏهن ته حڪومت وڌيڪ ٽن ڏينهن جو وقت گهريو آهي. حڪومت طرفان اسلام آباد ڏانهن لانگ مارچ جو سڏ نه ڏيڻ جي درخواست پڻ ان ڳالهه جو اظهار آهي ته پيٽروليم شين جي اگهن خلاف احتجاج هاڻي رڳو سياسي بيانن تائين محدود نه رهيو آهي، پر اهو هڪ اهڙو عوامي مسئلو بڻجي چڪو آهي، جنهن کي نظرانداز ڪرڻ حڪومت لاءِ ڏکيو ٿيندو.

اصل سوال اهو آهي ته هر ڀيري قربانيءَ جو بوجهه عوام ڪي ئي ڇو بڻايو وڃي ٿو؟ حڪومتون جڏهن به آمدني وڌائڻ يا مالي کوٽ گهٽائڻ لاءِ آسان رستو ڳولين ٿيون ته پيٽروليم شين تي محصول وڌائڻ کي سڀ کان پهرين ترجيح ڏني وڃي ٿي. نتيجي ۾ غريب، وچولو طبقو، مزدور، ننڍو واپاري، هاري ۽ روزانو سفر ڪندڙ ماڻهو سڌو سنئون متاثر ٿين ٿا. جنهن شخص جي آمدني مهيني جي پڇاڙيءَ تائين مشڪل سان گهر جو خرچ پورو ڪري ٿي، ان لاءِ پيٽرول جي اگهه ۾ چند رپين جو اضافو به معمولي ڳالهه ناهي. ان اضافي جو مطلب آهي ته موٽرسائيڪل هلائڻ جو خرچ وڌندو، ٻارن جي اچ وڃ جو خرچ وڌندو، روزگار واري هنڌ تائين پهچڻ جو خرچ وڌندو ۽ آخرڪار گهر جي راشن لاءِ بچندڙ رقم گهٽ ٿيندي.

پيٽروليم محصول جو بنيادي مقصد حڪومت لاءِ آمدني پيدا ڪرڻ آهي. پر سوال اهو آهي ته ڇا عوام تي لڳاتار نوان بار وجهڻ ئي معاشي انتظام جو واحد طريقو آهي؟ جيڪڏهن حڪمران طبقي جا غيرضروري خرچ گهٽايا وڃن. سرڪاري ادارن جي فضول خرچين تي ضابطو آندو وڃي. بدعنواني ۽ محصول چوري کي روڪيو وڃي ۽ شاهوڪار طبقي کي ملندڙ غيرضروري رعايتن ۽ سهولتن جو جائزو ورتو وڃي ته ڇا رياست کي هر ڀيري غريب جي کيسي ڏانهن هٿ وڌائڻ جي ضرورت پوندي؟ عوام ان سوال جو جواب گهري ٿو.

جماعت اسلامي پاران تيل صاف ڪندڙ ڪارخانن، محصول ۽ ٻين معاملن بابت جيڪي سوال اٿاريا ويا آهن، انهن جي شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي. جيڪڏهن واقعي پيٽروليم جي قيمت مقرر ڪرڻ واري نظام ۾ اهڙا مرحلا موجود آهن، جتي مختلف ذريعن بار بار پنهنجو حصو وٺن ٿيون ۽ ان جو بار آخرڪار عوام تي منتقل ٿئي ٿو ته ان نظام کي عوام آڏو صاف ۽ چٽو بڻائڻ حڪومت جي ذميواري آهي. پيٽرول جي هڪ ليٽر جي قيمت ۾ عالمي منڊيءَ جي اگهن، ريفائي جي قدر، ٻاهران آڻڻ جي خرچن ۽ سرڪاري محصولن جو حصو الڳ الڳ واضح ڪيو وڃي. جيئن عوام کي خبر پوي ته هو اصل ۾ ڪهڙي مد ۾ ڪيترو ادا ڪري رهيو آهي.

وڌيڪ افسوس جي ڳالهه اها آهي ته ملڪ ۾ معاشي تڪليف وڌندي رهي ٿي، پر سياسي بحث اڪثر عوام جي اصل مسئلن کان هٽي ٻين معاملن ڏانهن منتقل ٿي وڃي ٿو. عوام کي روزگار، سستو ٻارڻ، سستي بجلي، مناسب اگهن تي اٽو، چانور، کنڊ، دالون ۽ ٻيون بنيادي شيون گهرجن. عوام کي اهڙي حڪمراني گهرجي، جنهن ۾ سندس روزاني زندگي آسان ٿئي، نه اها جيڪا هر نئين مهيني نئون مالي بار کڻي اچي.

حڪومت جيڪڏهن واقعي عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي ته جماعت اسلامي سان ٿيندڙ ڳالهين کي رڳو وقت گذارڻ جو ذريعو نه بڻايو وڃي. ٽن ڏينهن جو وڌيڪ وقت وٺڻ پنهنجي جاءِ تي، پر ان وقت کي ڪنهن عملي فيصلي تائين پهچڻ لاءِ استعمال ڪيو وڃي. عوام هاڻي رڳو واعدا ٻڌڻ لاءِ تيار ناهي. کيس اگهن ۾ حقيقي گهٽتائي، محصول بابت صاف پاليسي ۽ مهانگائي روڪڻ لاءِ عملي قدم گهرجن.

جماعت اسلامي جي احتجاج کي به رڳو سياسي سرگرمي سمجهي نظرانداز ڪرڻ بدران ان ۾ موجود عوامي شڪايتن کي سنجيدگيءَ سان ڏسڻ گهرجي. ساڳئي وقت حڪومت مخالف ڌرين، واپاري تنظيمن، مزدور تنظيمن ۽ سماجي ادارن کي به عوام جي معاشي مسئلن تي گڏيل ۽ پرامن آواز بلند ڪرڻ گهرجي. جڏهن مسئلو لکين ماڻهن جي روزاني زندگيءَ سان لاڳاپيل هجي ته ان کي ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو مسئلو سمجهڻ وڏي غلطي هوندي.

اڄ ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته حڪمران عوام جي برداشت کي وڌيڪ نه آزمائن. پيٽرول، بجلي ۽ کاڌي پيتي جي شين جي لڳاتار مهانگائي غريب ماڻهوءَ کي رڳو معاشي طور ڪمزور نٿي ڪري، پر ان جي اندر مايوسي ۽ بي وسي پڻ پيدا ڪري ٿي. رياست جو ڪم عوام کي مسلسل نون بارن هيٺ دٻائڻ نه، پر ڏکين حالتن ۾ ان کي سهارو ڏيڻ آهي.

حڪومت کي هاڻي فيصلو ڪرڻو پوندو ته هوءَ انگن اکرن، آمدني ۽ بجيٽ جي حسابن کي ترجيح ڏيندي يا انهن انگن اکرن جي پويان موجود لکين انسانن جي زندگيءَ کي. جيڪڏهن عوام جي کيسي خالي ٿي وئي، خريداريءَ جي سگهه ختم ٿي وئي ۽ مهانگائيءَ جو طوفان جاري رهيو ته معاشي ترقيءَ جا وڏا وڏا دعويٰ به عوام لاءِ بي معنيٰ ٿي ويندا. تنهن ڪري پيٽروليم شين جي اگهن ۾ گهٽتائي، پيٽروليم محصول تي نظرثاني ۽ عوام کي فوري سهارو ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. حڪومت کي احتجاج ختم ڪرائڻ لاءِ نه، پر عوام جي تڪليف ختم ڪرڻ لاءِ فيصلو ڪرڻ گهرجي.

سنڌ اسيمبلي جو واضح مطالبو، پيٽروليم ليوي ختم ڪيو ۽ عوام کي رليف ڏيو

غلام مصطفيٰ جمالي

پاڪستان ۾ مهانگائي هاڻي رڳو اخبارن جي سرخين يا سرڪاري انگن اکرن جو موضوع نه رهي آهي. پر اها عام ماڻهوءَ جي گهر تائين پهچي چڪي آهي. روزانو ڪمائي ڪندڙ مزدور کان وٺي ننڍي واپاري، سرڪاري ملازم، هاري ۽ وچولي طبقي جي خاندان تائين هر ماڻهو وڌندڙ خرچن سبب پريشان نظر اچي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ جڏهن پيٽرول جي قيمت وڌي ٿي ته ان جو اثر رڳو گاڏي هلائيندڙ تائين محدود نٿو رهي، پر ان جي لهر بازار، ٽرانسپورٽ، زراعت ۽ عام گهريلو خرچن تائين پهچي وڃي ٿي. ان ڪري سنڌ اسيمبلي طرفان وفاقي حڪومت کان پيٽروليم ليوي ۽ ٻين غير ضروري وصولين کي ختم ڪرڻ جو مطالبو عوام جي احساسن جي ترجماني ڪري ٿو.

سنڌ اسيمبلي ۾ جماعت اسلامي جي ميمبر محمد فاروق طرفان پيٽروليم ليوي بابت قرارداد پيش ڪئي وئي، جيڪا ايوان ۾ اڪثريتي راءِ سان منظور ڪئي وئي. قرارداد جي منظوري کان پوءِ سنڌ اسيمبلي جي سيڪريٽري طرفان وفاقي وزارت پيٽروليم کي خط پڻ موڪليو ويو، جنهن ۾ وفاقي حڪومت کان مطالبو ڪيو ويو ته پيٽروليم ليوي سميت ٻين غير ضروري مدن ۾ وصوليون فوري طور بند ڪيون وڃن. قرارداد ۾ چيو ويو ته پيٽرول جي اصل قيمت جي مقابلي ۾ عوام کان مختلف مدن جي نالي تي وڌيڪ رقم وصول ڪئي پئي وڃي، جنهن سبب اڳ ئي مهانگائي جي ماريل عوام تي وڌيڪ بار پئجي رهيو آهي.

قرارداد موجب پيٽرول جي اصل قيمت 238 رپيا 70 پئسا في ليٽر ٻڌائي وئي آهي، جڏهن ته پيٽرول تي 80 رپيا في ليٽر پيٽروليم ليوي وصول ڪئي پئي وڃي. ان کان علاوه 5 رپيا ماحولياتي ليوي ۽ مختلف خرچن ۽ منافعي جي نالي تي وڌيڪ رقم به عوام کان ورتي وڃي ٿي. سنڌ اسيمبلي جو موقف اهو آهي ته اهڙين وصولين جو بار گهٽائي عوام کي رليف ڏنو وڃي. هي مطالبو ان وقت سامهون آيو آهي، جڏهن ملڪ جو عام ماڻهو پنهنجي محدود آمدنيءَ ۾ گهر جا بنيادي خرچ پورا ڪرڻ لاءِ سخت پريشاني کي منهن ڏئي رهيو آهي.

پيٽرول جي قيمت ۾ اضافو عام ماڻهوءَ لاءِ ان ڪري وڌيڪ ڏکيو بڻجي ٿو، ڇاڪاڻ ته ان سان زندگيءَ جي تقريبن هر شعبي تي اثر پوي ٿو. جڏهن ٻارڻ مهانگو ٿئي ٿو ته ٽرانسپورٽ جا خرچ وڌن ٿا. سامان هڪ هنڌ کان ٻئي هنڌ پهچائڻ جي قيمت وڌي وڃي ٿي ۽ واپاري پنهنجا وڌندڙ خرچ شين جي اگهن ۾ شامل ڪن ٿا. نتيجي ۾ بازار ۾ کاڌي پيتي جون شيون، سبزيون، ميوا، کير، اٽو ۽ ٻيون روزمره جون ضرورتون به مهانگيون ٿين ٿيون.

هڪ مزدور صبح جو گهران نڪري ڪم تي وڃي ٿو ته سندس پهريون مسئلو سفر جو خرچ هوندو آهي. جيڪڏهن موٽرسائيڪل ۾ پيٽرول وجهائڻ جو خرچ وڌي وڃي ٿو ته سندس روزاني ڪمائيءَ جو وڏو حصو رڳو اچڻ وڃڻ تي خرچ ٿي سگهي ٿو. اهڙي طرح رڪشا هلائيندڙ يا ننڍو ٽرانسپورٽ وارو به ٻارڻ جي وڌندڙ قيمت جو بار آخرڪار مسافر تي منتقل ڪري ٿو. نتيجي ۾ هڪ طرف عام ماڻهوءَ جي آمدني محدود رهي ٿي ۽ ٻئي طرف سندس خرچ مسلسل وڌندا وڃن ٿا.

سنڌ جي ٻهراڙين ۾ صورتحال وڌيڪ حساس آهي. هاري پنهنجي زمين تيار ڪرڻ، پاڻي ڏيڻ، فصل لاهڻ ۽ فصل کي منڊي تائين پهچائڻ لاءِ ڊيزل ۽ ٻين ٻارڻن تي ڀاڙين ٿا. جڏهن ڊيزل مهانگو ٿئي ٿو ته زرعي پيداوار جي قيمت وڌي وڃي ٿي. هاريءَ جا خرچ وڌن ٿا ۽ ساڳئي وقت صارف لاءِ به کاڌي پيتي جون شيون مهانگيون ٿين ٿيون. ان ڪري ٻارڻ جي قيمت ۾ واڌ کي رڳو پيٽرول پمپ تائين محدود مسئلو سمجهڻ وڏي غلطي هوندي. اهو سڌو سنئون هاري، مزدور ۽ عام صارف جي زندگيءَ سان ڳنڍيل مسئلو آهي.

بدين، ٺٽو، ٽنڊوباگو ۽ سنڌ جي ٻين زرعي علائقن ۾ رهندڙ عام ماڻهن کان جيڪڏهن پڇيو وڃي ته مهانگائيءَ جو اثر ڪهڙي ريت سندن زندگي تبديل ڪري رهيو آهي ته هر ماڻهو وٽ پنهنجي هڪ ڪهاڻي هوندي. ڪنهن لاءِ موٽرسائيڪل ۾ پيٽرول وجهائڻ ڏکيو ٿي ويو آهي. ڪنهن لاءِ ٻارن کي اسڪول موڪلڻ جو خرچ وڌي ويو آهي. ڪنهن لاءِ بجليءَ جو بل ادا ڪرڻ مسئلو بڻجي ويو آهي ۽ ڪنهن لاءِ گهر جو راشن پورو ڪرڻ ئي وڏو امتحان بڻجي چڪو آهي. اهڙي ماحول ۾ حڪومت طرفان عوام کي رليف ڏيڻ لاءِ هر ممڪن قدم کڻڻ ضروري آهي.

حڪومت لاءِ ٽيڪس ۽ محصول گڏ ڪرڻ لازمي آهي. ڇو ته ملڪ جا انتظامي ۽ ترقياتي معاملا آمدني کان سواءِ نٿا هلي سگهن. پر سوال اهو آهي ته آمدني حاصل ڪرڻ جو بار ڪهڙي طبقي تي وڌو وڃي؟ جيڪڏهن هر ڀيري عام صارف کان وڌيڪ ٽيڪس ۽ ليوي وصول ڪئي ويندي ته ان سان سندس قوت خريد گهٽ ٿيندي. جڏهن عوام جي قوت خريد گهٽ ٿيندي ته بازار ۾ خريداري گهٽ ٿيندي. ڪاروبار متاثر ٿيندا ۽ معاشي سرگرمي به سست ٿي سگهي ٿي. ان ڪري حڪومت کي محصولات گڏ ڪرڻ سان گڏ عوام جي معاشي حالت کي به نظر ۾ رکڻو پوندو.

سنڌ اسيمبلي جو مطالبو ان لحاظ کان اهم آهي ته اهو رڳو ڪنهن هڪ سياسي جماعت جو آواز نه. پر مهانگائي کان متاثر عوام جي هڪ اهم مسئلي کي اجاگر ڪري ٿو. جڏهن چونڊيل ايوان مان اهڙو مطالبو سامهون اچي ٿو ته وفاقي حڪومت کي ان تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. حڪومت کي عوام کي اهو ٻڌائڻ گهرجي ته پيٽرول جي قيمت ۾ ڪهڙا محصول شامل آهن. انهن مان ڪهڙي رقم سرڪاري خزاني ۾ وڃي ٿي ۽ ڪهڙي مد ۾ عوام کان رقم ورتي وڃي ٿي.

عوام کي شفافيت به گهرجي ۽ رليف به. جيڪڏهن حڪومت جو موقف آهي ته ملڪ جي معاشي ضرورتن سبب ڪجهه محصول لاڳو رکڻ ضروري آهن ته پوءِ ان جي وضاحت عوام اڳيان ٿيڻ گهرجي. ساڳئي وقت حڪومت کي اهو به ڏسڻو پوندو ته ڪهڙن محصولن کي گهٽ ڪري عام ماڻهوءَ کي فوري فائدو پهچائي سگهجي ٿو. عوام کان قرباني گهرڻ کان اڳ حڪمرانن کي سرڪاري خرچن ۾ بچت ۽ غير ضروري خرچن جي خاتمي جو عملي مثال قائم ڪرڻ گهرجي.

اسان جي ملڪ ۾ عام ماڻهوءَ تي هڪ ئي وقت ڪيترن ئي پاسن کان بار وڌي رهيو آهي. بجلي جا بل. گئس جا خرچ. کاڌي پيتي جون وڌندڙ قيمتون. ٻارن جي تعليم. علاج. گهر جو ڪرايو ۽ سفر جا خرچ. اهي سڀ گڏجي هڪ اهڙي صورتحال پيدا ڪن ٿا. جنهن ۾ محدود آمدني وارو ماڻهو مهيني جي آخر تائين پهچندي پهچندي قرض وٺڻ تي مجبور ٿي وڃي ٿو. اهڙي صورتحال ۾ پيٽروليم ليوي جهڙي اضافي بار بابت سوال اٿڻ فطري ڳالهه آهي.

وفاقي حڪومت کي گهرجي ته سنڌ اسيمبلي جي مطالبي کي سياسي اختلاف جي نظر سان ڏسڻ بدران عوامي مسئلي جي حيثيت سان ڏسي. جيڪڏهن ڪنهن مد ۾ غير ضروري وصولي ٿي رهي آهي ته ان کي ختم ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن ڪنهن محصول جي شرح گهٽ ڪري سگهجي ٿي ته ان ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي. حڪومت جيڪڏهن واقعي عوام کي رليف ڏيڻ چاهي ٿي ته پيٽروليم شين جي قيمت گهٽ ڪرڻ سان ان جو اثر ڪيترن ئي شعبن تي هڪ ئي وقت پئجي سگهي ٿو.

پيٽرول سستو ٿيندو ته ٽرانسپورٽ جا خرچ گهٽجڻ جا امڪان پيدا ٿيندا. سامان جي ترسيل جو خرچ گهٽجي سگهي ٿو ۽ بازار ۾ شين جي قيمتن تي به دٻاءُ گهٽجي سگهي ٿو. هاريءَ جي پيداوار جو خرچ گهٽ ٿيندو ته ان کي به فائدو ٿيندو ۽ صارف کي به ڪجهه آساني ملي سگهي ٿي. يعني ٻارڻ جي قيمت ۾ مناسب گهٽتائي جو فائدو صرف گاڏي هلائيندڙ کي نه. پر سڄي معاشي نظام کي پهچي سگهي ٿو.

اج عوام کي اهڙي حڪمت عملي جي ضرورت آهي. جنهن ۾ ملڪ جي معيشت به مضبوط ٿئي ۽ عام ماڻهوءَ جي زندگي به آسان بڻجي. رڳو سرڪاري خزاني جي آمدني وڌائڻ سان معاشي ترقي مڪمل نٿي ٿي سگهي. حقيقي معاشي ترقي ان وقت ٿيندي. جڏهن مزدور جي گهر ۾ چلهو آسانيءَ سان ٻرندو، هاري پنهنجي فصل جو مناسب خرچ ڪڍي سگهندو. ننڍو واپاري پنهنجو ڪاروبار هلائي سگهندو ۽ عام ماڻهو پنهنجي ٻارن جي تعليم ۽ علاج جا خرچ عزت سان برداشت ڪري سگهندو.

سنڌ اسيمبلي جو هي مطالبو وفاقي حڪومت لاءِ هڪ اهم موقعو آهي ته اها عوامي مسئلي تي عملي قدم کڻي. جيڪڏهن پيٽروليم ليوي ۽ غير ضروري وصولين ۾ گهٽتائي ڪئي وڃي ٿي ته اهو عوام لاءِ هڪ مثبت قدم ثابت ٿيندو. حڪومت کي اهو سمجهڻ گهرجي ته عوام جي برداشت جي به هڪ حد هوندي آهي. جڏهن آمدني ساڳي رهي ۽ خرچ مسلسل وڌندا وڃن ته ماڻهو معاشي طور ٽٽي پوندو آهي.

اج پاڪستان کي اهڙي معاشي پاليسي جي ضرورت آهي. جيڪا رڳو انگن اکرن ۾ نه. پر عام ماڻهوءَ جي زندگيءَ ۾ به نظر اچي. عوام کي ٻڌايو وڃي ته مهانگائي گهٽائڻ لاءِ ڪهڙا عملي قدم کنيا پيا وڃن. پيٽروليم شين تي ڪهڙو بار آهي ۽ ان بار کي گهٽائڻ لاءِ حڪومت ڇا ڪري سگهي ٿي. سنڌ اسيمبلي جي آواز کي نظرانداز ڪرڻ بدران وفاقي حڪومت کي ان مطالبي تي سنجيدگيءَ سان غور ڪرڻ گهرجي. ڇاڪاڻ ته پيٽروليم ليوي جو مسئلو رڳو سنڌ جو مسئلو ناهي. اهو سڄي پاڪستان جي عوام جو مسئلو آهي. ڪراچي کان ڪشمور تائين. بدين کان اسلام آباد تائين ۽ ڳوٺن کان وڏن شهرن تائين هر اهو ماڻهو جيڪو سفر ڪري ٿو. سامان خريد ڪري ٿو يا روزگار لاءِ ٻارڻ استعمال ڪري ٿو. ان تي پيٽرول جي قيمت جو اثر پوي ٿو آخرڪار سوال اهو آهي ته ملڪ جي معاشي مشڪلاتن جو بار آخر ڪيستائين عام ماڻهو کڻندو رهندو؟ حڪومت کي آمدني به گهرجي. پر عوام کي جيئڻ جي جاءِ به گهرجي. پيٽروليم ليوي ۽ غير ضروري وصولين تي نظرثاني ڪري عوام کي رليف ڏيڻ وقت جي اهم ضرورت آهي. سنڌ اسيمبلي جي واضح مطالبي کي جيڪڏهن وفاقي حڪومت عملي قدم ۾ تبديل ڪري ٿي ته اهو عوام لاءِ رڳو هڪ معاشي رليف نه هوندو. پر ان ڳالهه جو ثبوت پڻ هوندو ته حڪمرانن کي عام ماڻهوءَ جي تڪليف جو احساس آهي. اڄ عوام کي تقريرن کان وڌيڪ آساني گهرجي. واعدن کان وڌيڪ رليف گهرجي ۽ انگن اکرن کان وڌيڪ پنهنجي گهر جي خرچن ۾ گهٽتائي گهرجي. حڪومت جيڪڏهن عوام جي هن آواز کي ٻڌي ٿي ته اها رڳو هڪ قرارداد جو احترام نه ڪندي، پر انهن لکين ماڻهن جي اميدن جو به احترام ڪندي، جيڪي مهانگائي جي بار هيٺ زندگي گذاري رهيا آهن.

متحده جي سنڌ جي وحدت خلاف واويلا ۽ وفاقي چال ڪامياب ٿيڻ نه ڏبي

وفا ولي محمد قل

سنڌ جي سياسي تاريخ ۾ سنڌ جي وحدت خلاف مختلف وقتن تي مختلف نعرا ۽ سياسي تجربا سامهون ايندا رهيا آهن. پر جدا صوبي جو نعرو سنڌ جي عوام لاءِ هميشه ناقابلِ قبول رهيو آهي. هاڻي هڪ ڀيرو ٻيهر متحده قومي موومينٽ جي اڳواڻن خالد مقبول صديقي ۽ علي خورشيدي پاران جدا صوبي بابت بيانن، ۽ وفاقي وزير محسن نقوي پاران صوبن جي انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ بابت ڏنل ڳالهين، سنڌ اندر نئين بحث کي جنم ڏنو آهي.

سنڌ اسيمبلي پاران سنڌ جي ورهاست خلاف قرارداد منظور ڪرڻ هڪ اهم ۽ واضح سياسي پيغام آهي ته سنڌ جي چونڊيل ايوان وٽ سنڌ جي وحدت بابت موقف بلڪل چٽو آهي. سنڌ جي عوام پڻ بار بار پنهنجي راءِ جو اظهار ڪيو آهي ته سنڌ کي ڪنهن به نئين صوبي يا انتظامي ورهاست جي نالي تي ٽڪرن ۾ ورهائڻ قبول ناهي. متحده پاران جدا صوبي جو مطالبو ڪو نئون سياسي نعرو ناهي. گذريل ڪيترن ئي ڏهاڪن کان مختلف وقتن تي اهو نعرو سامهون آندو ويو آهي، پر عملي طور ان کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ڪا اهڙي سنجيده سياسي ۽ آئيني اڳڀرائي نظر نه آئي، جنهن سان اهو مطالبو حقيقت جو روپ وٺي سگهي. تنهنڪري سنڌ جي عوام جو سوال جائز آهي ته جيڪڏهن جدا صوبو ايترو ئي اهم مسئلو آهي ته ان لاءِ مستقل آئيني، پارلياماني ۽ جمهوري جدوجهد ڇو نه ڪئي وئي؟

وفاقي وزير محسن نقوي پاران صوبن کي وڌيڪ انتظامي يونٽن ۾ ورهائڻ بابت ڳالهه به سنڌ لاءِ انتهائي حساس معاملو آهي. انتظامي سڌارن جي نالي تي ڪنهن به صوبي جي تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت کي متاثر ڪرڻ واري سوچ تي سنڌ جو عوام خاموش نٿو رهي سگهي. انتظامي سهولتن جا مسئلا پنهنجي جاءِ تي، پر انهن کي صوبن جي ورهاست لاءِ سياسي جواز بڻائڻ مناسب ناهي. ڪراچي سنڌ جو معاشي ۽ شهري مرڪز آهي ۽ سنڌ جي تاريخي وجود سان ان جو تعلق ڪنهن هڪ سياسي جماعت جي مرضي سان ختم نٿو ڪري سگهجي. ڪراچي، حيدرآباد، سکر، لاڙڪاڻو، ميرپورخاص ۽ سنڌ جا سمورا شهر سنڌ جي گڏيل سڃاڻپ جو حصو آهن. سنڌ جي وسيلن، شهرن ۽ ڌرتيءَ بابت فيصلا سنڌ جي عوام جي مرضي ۽ جمهوري اصولن مطابق ٿيڻ گهرجن.

سنڌ جي وحدت صرف نقشي تي نهيل ڪا لڪير ناهي، پر اها تاريخ، ثقافت، ٻولي، تهذيب ۽ ماڻهن جي گڏيل سڃاڻپ آهي. ان ڪري ڪنهن به سياسي جماعت يا وفاقي قوت کي گهرجي ته اهڙا بيان ڏيڻ کان پاسو ڪري، جيڪي سنڌ جي عوام ۾ بيچيني ۽ بي اعتمادي پيدا ڪن. سنڌ اسيمبلي جي منظور ڪيل قرارداد کي سنڌ جي عوام جي جذبات جو جمهوري اظهار سمجهڻ گهرجي. هاڻي ضرورت ان ڳالهه جي آهي ته سنڌ جون سموريون سياسي، سماجي، ادبي ۽ جمهوري ڌريون اختلافن کان مٿانهون ٿي سنڌ جي وحدت بابت گڏيل ۽ واضح موقف اختيار ڪن. سنڌ جو عوام ترقي، امن، روزگار، تعليم، صحت، پاڻي ۽ بنيادي سهولتون گهري ٿو؛ نوان تڪرار ۽ ورهاست جا نعرا نه. سنڌ جي مسئلن جو حل سنڌ کي ورهائڻ ۾ نه، پر سنڌ جي وسيلن سان انصاف، بهتر حڪمراني ۽ عوامي خدمت ۾ آهي.

وفاق هجي يا ڪا به سياسي جماعت، سنڌ جي وحدت بابت ڪو به فيصلو سنڌ جي عوام جي مرضي کانسواءِ قبول نه ڪيو ويندو. سنڌ ورهائڻ واري هر سياسي چال کي جمهوري ۽ آئيني طريقي سان رد ڪيو ويندو، ڇاڪاڻ ته سنڌ جي وحدت سنڌ جي عوام جي گڏيل سڃاڻپ ۽ تاريخي حق جو نالو آهي.

بقايا ❊❊❊ **01**

ونگ پاران جاري ڪيل بيان موجب، وزيراعظم محمد شهباز شريف جي صدارت ۾ زرعي شعبي ۽ زرعي برآمدات جي فروغ جي حوالي سان اعليٰ سطحي اجلاس منعقد ٿيو. اجلاس کي خطاب ڪندي وزيراعظم چيو ته زرعي شعبي جو پاڪستان جي معيشت جي ترقي ۽ استحڪام ۾ اهم ڪردار آهي. في ايڪڙ زرعي پيداوار ۾ اضافي، زراعت ۾ جدت آڻڻ، لائيو اسٽاڪ جي شعبي جي ترقي ۽ زرعي برآمدات جي فروغ لاءِ وفاق ۽ صوبن جي وچ ۾ موثر رابطو ۽ پائيداري ضروري آهي. وزيراعظم زرعي برآمدات جي فروغ لاءِ پاڪستان جي پرڏيهي ملڪن ۾ مشنز ۾ مقرر ڪمرشل آفيسرن کي موثر ڪردار ادا ڪرڻ جي هدايت ڪئي. وزيراعظم آبادگارن کي فصلن جي نگراني لاءِ موجود موبائل ايپ جي حوالي سان آگاهي وڌائڻ جي لاءِ موثر ميڊيا مهم هلائڻ جي به هدايت ڪئي. هن چيو ته زرعي شعبي جي برآمدات وڌائڻ لاءِ زرعي شين ۾ ويليو ايڊيشن تمام گهڻي ضروري آهي. اجلاس ۾ زرعي شعبي جي فروغ ۽ زرعي برآمدات وڌائڻ لاءِ تجويزون پيش ڪيون ويون. اجلاس کي بريفنگ ۾ ٻڌايو ويو ته گذريل مالي سال ۾ پاڪستان جي زرعي شعبي جو روانگي واپار 5.18 ارب ڊالر رهيو چانور، مڇي، حلال گوشت، پٽاٽا، تل، تماڪ، انب ۽ مڪئي پاڪستان جون نمايان زرعي برآمدات رهيون. اجلاس ۾ زرعي برآمدات ۾ اضافي جي لاءِ ويليو چين جوڙڻ جي تجويز ڏني وئي ۽ ٻڌايو ويو ته چين، سعودي عرب، ايران ۽ نار ملڪ پاڪستان جي زرعي برآمدات جي حوالي سان اهم ملڪ آهن. نيشنل اگريڪلچر اينڊ فوڊ سيڪيورٽي ڪائونسل کي فعال ڪيو ويندو اجلاس کي ٻڌايو ويو ته نيشنل اگريڪلچر اينڊ فوڊ سيڪيورٽي ڪائونسل ۾ وڏا وزير پنهنجي پنهنجي صوبن جي نمائندگي ڪندا. اجلاس ۾ ڊجيٽل فارمرز ڊائري_ ايگري اسٽيڪ جوڙڻ جي پڻ تجويز ڏني وئي جنهن تحت سڄي ملڪ جي آبادگارن ۽ زرعي زمين جي رڪارڊ کي ڊجيٽائز ڪيو ويندو ڊجيٽل فارمرز ڊائري_ ايگري اسٽيڪ تحت، زمين ۽ پاڻي جي جانچ جا رڪارڊ ڊجيٽائز ڪيا ويندا، بهتر نتيجن وارن زرعي طريقن جي فروغ لاءِ پاڪ_ گيپ (پاڪستان_ گڊ ايگريڪلچر پريڪٽسز) نظام جوڙيو ويندي بريفنگ ۾ وڌيڪ ٻڌايو ويو ته زرعي شعبي جي روانگي واپارين کي فروغ ڏيڻ لاءِ زرعي فنانسنگ جي حوالي سان سهولتون فراهم ڪيون وينديون. اجلاس ۾ منصوبابندي واري وفاقي وزير احسن اقبال، قومي خوراڪ جي تحفظ واري وفاقي وزير رانا تنوير حسين، اقتصادي معاملن واري وفاقي وزير احد خان چيما، موسمياتي تبديلي واري وفاقي وزير مصدق ملڪ، واپار واري وفاقي وزير جام ڪمال خان، اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاء الله تارڙ، انفارميشن ٽيڪنالاجي ۽ ٽيليڪام واري وفاقي وزير شزه فاطمه، صنعتن ۽ پيداوار واري صلاحڪار هارون اختر، ناڻي ۽ ريلوي واري مملڪتي وزير بلال اظهر ڪياني، قومي خوراڪ جي تحفظ واري مملڪتي وزير ملڪ رشيد احمد ۽ لاڳاپيل اعليٰ سرڪاري عملدارن شرڪت ڪئي.

بقايا ❊❊❊ **02**

جلاس ۾ 15 ۽ 16 نومبر 2026ع تي پاڪستان ۾ ٿيندڙ اقتصادي تعاون تنظيم (اي سي او) وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس جي تيارين جو جائزو ورتو ويو پرڏيهي آفيس جي ترجمان پاران جاري ڪيل بيان موجب، نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير کي اي سي او وزيرن جي ڪائونسل جي اجلاس جي تيارين، تجويز ڪيل پروگرام ۽ ايجنڊا، مهمانن جي شرڪت، لاجسٽڪس ۽ ٻين انتظامن جي حوالي سان بريفنگ ڏني وئي. نائب وزيراعظم ۽ پرڏيهي وزير سينيٽر اسحاق ڊار وزيرن جي ڪائونسل جي ايندڙ اجلاس جي تيارين جو تفصيلي جائزو ورتو ۽ اهم معاملن تي ضروري هدايتون ڏنيون. هن اقتصادي تعاون تنظيم ۽ علائقائي واپار، رابطي ۽ اقتصادي تعاون جي فروغ ۾ ان جي ڪردار کي پاڪستان پاران ملندڙ اهميت تي زور ڏنو هن لاڳاپيل اختيارين کي هدايت ڪئي ته پاڪستان ۾ ٿيندڙ وزيرن واري ڪائونسل جي اجلاس کي لائيتو ۽ ڪامياب بڻائڻ جي لاءِ سمورا انتظام جامع انداز ۾ مڪمل ڪيا وڃن. اجلاس ۾ پرڏيهي سيڪريٽري آمنه بلوچ ۽ پرڏيهي معاملن واري وزارت جي سينئر لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي.

بقايا ❊❊❊ **03**

ادارا ۽ مسلسل قدم ضروري آهن. حڪومتي ادارا، صوبائي عملدار، اسڪول، سول سوسائٽي، مذهبي ۽ سماجي اڳواڻ ۽ خاندان پنهنجي ٻارن جو تحفظ هڪ گڏيل قومي ذميواري بڻائڻ. ايوان صدر جي پريس ونگ پاران جاري بيان موجب آصف ڀٽو زرداري ٻارن جي تحفظ جي حوالي سان پنهنجي بيان ۾ چيو ته هر ٻار کي گهر، اسڪول، معاشري ۽ هاڻي وڌندڙ حد تائين ڊيجيٽل جي دنيا ۾ به محفوظ ماحول ۾ پرورش ماڻڻ جو مڪمل حق حاصل آهي. ٻارن جي خلاف تشدد، بدسلوڪي، استحصال يا غفلت کي ڪڏهن به نجي معاملو، معاشرتي روايت يا ڪنهن بدقسمت صورتحال جي طور تي نظرانداز نه ٿو ڪري سگهجي، جڏهن ڪنهن ٻار کي نقصان پهچي ٿو ته

خلاف ڏوهه تي چڪو هجي، اتي نه خاموشي هجڻ گهرجي، نه بدنامي جو خوف ۽ نه ئي ذميواري کي تحفظ ملڻ گهرجي. هن چيو ته خوفزده ٻار جي ڳالهه ٻڌڻ گهرجي، متاثر ٻار کي تحفظ ڏيڻ گهرجي، زنده بچي ويندڙ متاثر ماڻهو سان عزت ۽ وقار سان پيش اچڻ گهرجي ۽ ذميواري کي قانون کي منهن ڏيڻ گهرجي. آصف ڀٽو زرداري چيو ته ٻارن کي ڪڏهن اهو ثابت ڪرڻ جي ضرورت نه هجڻ گهرجي ته اهي اسان جي تحفظ جا مستحق آهن. انهن جي ننڍي عمري ۽ ڪمزوري اسان سڀني تي اها ذميواري لاڳو ڪري ٿي. هن چيو ته منهنجو پختو يقين آهي ته پاڪستان کي ٻارن جي تحفظ جي اهڙي نظام کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ گهرجي جنهن ۾ روڪٿام، رپورٽنگ، جاچ، بحالي ۽ انصاف هڪ ٻئي سان ڳنڍيل هجن. جتي ٻارن ۽ خاندانن کي معلوم هجي ته مدد جي لاءِ ڪٿي رجوع ڪرڻو آهي، ۽ جتي ادارا فوري، حساس ۽ موثر انداز ۾ ڪارروائي ڪن ۽ متاثرين کي وڌيڪ ذهني اذيت ۾ نه وجهن. هن چيو ته اسان کي پاڻ ٻارن جي ڳالهه به ٻڌڻي پوندي. انهن جو خوف، تجربا ۽ آواز انهن پاليسين جي جوڙجڪ ۾ شامل هجڻ گهرجن جيڪي انهن جي زندگين تي اثرانداز ٿين ٿيون. ٻاروڻ جو تحفظ خيرات نه آهي پر حق، انصاف ۽ هن قوم جي سڃاڻپ جو معاملو آهي جيڪو اسان بڻجڻ چاهيون ٿا. هن حڪومتي ادارن، صوبائي عملدارن، قانون لاڳو ڪندڙ ادارن، اسڪولن، سول سوسائٽي، مذهبي ۽ سماجي اڳواڻن، ميڊيا، ٽيڪنالاجي ڪمپنين ۽ سڀ کان وڌيڪ خاندانن کي اپيل ڪئي ته اسان پنهنجي ٻارن جو تحفظ هڪ گڏيل ذميواري بڻائين. هن چيو ته پاڪستان جي مستقبل ۾ ان ٻار جي تحفظ کان وڌي ڪري مضبوط سيڙپڪاري نٿي ٿي سگهي جيڪو ايندڙ سياڻي ۾ ان جو وارث بڻجندو آصف ڀٽو زرداري چيو ته اسان جا ٻار هن وقت رڳو اسان جي همدرديءَ جا مستحق نه آهن جڏهن انهن کي نقصان پهچي چڪو هجي. اهي ان کان اڳ اسان جي نگراني ۽ چوڪسيءَ جا مستحق آهن ته نقصان انهن تائين نه پهچي. خطري جي صورت ۾ اسان جي حفاظت جا مستحق آهن ۽ جڏهن انهن جي حقن جي خلاف ورزي ٿئي ته انصاف جا مستحق آهن. اهو ئي اسان جو پاڪستان جي هر ٻار سان واعدو هجڻ گهرجي.

بقايا ❊❊❊ **04**

کنڊ جي مسلمانن کي آزاد وطن ڏئي کين سڃاڻپ، وقار ۽ خودمختياري جو حق ڏياريو. سندس ويزن جمهوري پاڪستان جو هو جتي سمورا شهري قانون جي نظر ۾ برابر هجن. انهن خيالن جو اظهار هن 11 سيپٽمبر تي قائداعظم محمد علي جناح جي يوم وفات جي موقعي تي جاري پنهنجي بيان ۾ ڪيو هن چيو ته قائداعظم سماجي ۽ اقتصادي انصاف، برابري، رواداري ۽ جمهوريت تي ٻڌل پاڪستان جو خواهشمند هو اتحاد، ايمان ۽ تنظيم قائداعظم جا سونهري اصول آهن. جن تي عمل ئي پاڪستان کي مضبوط بڻائي سگهي ٿو سينيٽر روبينه خالد چيو ته قائداعظم جي جدوجهد اسان کي قومي يڪجهتي، ديانت، محنت ۽ حب الوطني جو درس ڏئي ٿي. اسان کي قائداعظم جي ويزن تي عمل ڪرڻ لاءِ اهڙو پاڪستان جوڙڻو آهي جتي هر شهري کي برابر حق ۽ ترقي جا موقعا حاصل هجن.

بقايا ❊❊❊ **05**

د جي نتيجي ۾ ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي آزاد ملڪ پاڪستان نصيب ٿيو باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح جي 78 هين ورسي تي پنهنجي پيغام ۾ هن چيو ته قائداعظم محمد علي جناح جي عظيم جدوجهد ۽ لازوال قيادت پوري قوم لاءِ مشعل راهه آهي. قائداعظم جا ايمان، اتحاد ۽ نظم وضبط جا ڏنل سنهري اصول اڄ به پاڪستان جي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جو بنياد آهن. قاعداعظم جو خواب هڪ اهڙي پاڪستان جو هو جتي سمورن شهرين کي بنا ڪنهن فرق جي حق حاصل هجن. عوام جي فلاح ۽ ڀلائي کي اولين ترجيح ڏيڻ قائد اعظم جي پاڪستان جي تصور جو بنيادي جزهو هن چيو ته اج اسان کي قاعداعظم جي فڪر ۽ نظريي تي عمل ڪرڻ جي عزم کي ورجائڻو پوندو قومي يڪجهتي، معاشي استحڪام، تعليم ۽ ترقي لاءِ هر پاڪستاني کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو هن چيو ته قاعداعظم جي اصولن تي عمل ڪندي پاڪستان کي ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي جي رستي تي وڌيڪ اڳيان وڌايو ويندو الله تعاليٰ قاعداعظم محمد علي جناح جا درجات بلند فرمائي ۽ اسان کي سندس نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا ❊❊❊ **06**

طريقو عوام کي تڪليف ڏيڻ نه هجڻ گهرجي: جماعت اسلامي جي پيٽروليم ليوي خلاف احتجاج قانون جي دائري ۾ رهي ڪرڻ گهرجي ۽ عوام کي پريشان ڪرڻ کان پاسو ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته معاشي چئلينج هڪ عالمي مسئلو آهن جن جو اثر پاڪستان تي پڻ پئجي رهيو آهي. هن دليل ڏنو ته لکين ماڻهن جي استعمال هيٺ ايندڙ اهم شاهراهه کي بند ڪرڻ مناسب ناهي، ڇاڪاڻ ته ٽريفڪ جام سبب ٻارڻ جو استعمال وڌي ويندو آهي. هن جماعت اسلامي جي احتجاج لاءِ متبادل جڳهه فراهم ڪرڻ جي آڇ

هيلٿ جي ٽريننگ سينٽر ۾ 6 مهينن جو ڊپلوما ڪورس ۽ انٽرنشپ ڪندڙ نوجوانن ۾ سرٽيفڪيٽ ۽ ڪورس ۾ ڪم ايندڙ سائنسي اوزار (انسٽرومينٽس) ورهائڻ واري تقريب کي خطاب ڪندي ڪيو ان کان اڳ، ڊائريڪٽر جنرل سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙي صوبائي وزير ۽ آيل ميهمانن جو آڌرڀاءُ ڪندي هن تربيتي پروگرام بابت ڄاڻ ڏني. ان موقعي تي سيڪريٽري لائيواسٽاڪ ۽ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي، ڊي جي پولٽري سنڌ ڊاڪٽر صلاح الدين شاهه ۽ ڊي ايس لائيواسٽاڪ محمد عمران به موجود هئا. صوبائي وزير محمد علي ملڪاڻي وڌيڪ چيو ته ڊاڪٽر نظير حسين ڪلهوڙي ۽ سنڌ انسٽيٽيوٽ آف اينيمل هيلٿ جي ٻين آفيسرن وڏي محنت ڪئي آهي، مان ڪين شاباش ڏيان ٿو هاڻي ائين ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته اسان جا سڀ ادارا محنت ڪري رهيا آهن ته جيئن مستقبل ۾ اسان جو نوجوان اهي سڀ ادارا سنڀالي سگهي. سيڪريٽري لائيواسٽاڪ ۽ فشريز ڊاڪٽر ڪاظم حسين جتوئي چيو ته هن اداري جي محنت ۽ ڪارڪردگي کي پرنٽ ڪراچي جي ملڪ جي ٻين صوبن کي به موڪليو وڃي، ته جيئن اهي سنڌ صوبي جي هن ساراهه جوڳي ڪم مان فائدو حاصل ڪري سگهن.

بقايا ❊❊❊ **08**

ي ضمانت رد ڪندي ايف آءِ اي کي ڪيس پڇا ڳاڇا ۽ جاچ لاءِ حراست ۾ وٺڻ جي اجازت ڏئي ڇڏي. عدالت جوابدار کي حراست مان آزاد ڪرڻ بابت جوڊيشل مئجسٽريٽ جو 30 آگسٽ وارو حڪم پڻ معطل ڪري ڇڏيو عدالت پنهنجي حڪم ۾ قرار ڏنو ته جوابدار کي ڪنهن به جاچ ۾ حاصل عدالتي تحفظ موجوده ايف آءِ آر تي لاڳو نٿو ٿئي. ايڊيشنل اٽارني جنرل عدالت کي آگاهه ڪيو ته فرخ امين گوديل موجوده ڪيس ۾ مک جوابدار آهي ۽ معاملو مبينا ڪارپوريٽ ڏوهن ۽ لڳ ڀڳ 44 ارب رپين جي پرڏيهي سيڙپڪاري سان لاڳاپيل آهي. يونٽي فوڊز ۾ مبينا مالي ۽ ڪارپوريٽ بي ضابطگين جو معاملو ڪمپني جي وڏي پرڏيهي سيڙپڪار ولمار پاران پاڪستان جي شڪايت ڪانپوءِ سامهون آيو سيڪيورٽيز اينڊ ايڪسچينج ڪميشن آف پاڪستان (ايس اي سي پي) شروعاتي جاچ ڪانپوءِ ممڪن فوجداري ڏوهن سان لاڳاپيل رڪارڊ ايف آءِ اي جي حوالي ڪري ڇڏيو هو ايف آءِ اي جي ڪارپوريٽ ڪرائم سرڪل ڪراچي 29 آگسٽ تي ڪيس داخل ڪيو هو جنهن ۾ فرخ امين گوديل سميت يونٽي فوڊز جا 5 عهديدار نامزد آهن. ڪيس ۾ نامزد پنجن ئي ڄڻن جا نالا ايگزٽ ڪنٽرول لسٽ (اي سي ايل) ۾ پڻ شامل ڪيا ويا آهن. فرخ امين گوديل ڪانسواءِ جليس ايڌي، صفدر سجاد، عبدالمجيد غازياڻي ۽ عامر شهزاد جا نالا پڻ اي سي ايل ۾ شامل آهن. عدالت فرخ امين گوديل کي 30 سيپٽمبر لاءِ نوٽيس جاري ڪندي ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي لاءِ مقرر ڪري ڇڏيو ذريعن موجب يونٽي فوڊز ڪيس ۾ لڳ ڀڳ 44 ارب رپين جي رقم ۽ پرڏيهي سيڙپڪاري بابت مبينا مالي ۽ ڪارپوريٽ بي ضابطگين جي جاچ جاري آهي. سنگاپور جي ڪمپني ولمار يونٽي فوڊز ۾ لڳ ڀڳ 25 ڪروڙ ڊالرن جي سيڙپڪاري ڪئي هئي. ولمار جي شڪايت تي ايس اي سي پي جي معاملي جي مختلف پاسن کان جاچ ۽ قانوني ڪارروائي شروع ڪئي، جڏهن ته ممڪن فوجداري ڏوهن سان لاڳاپيل ثبوت ايف آءِ اي جي حوالي ڪيا ويا، جنهن ڪانپوءِ ڪيس داخل ڪري وڌيڪ جاچ جاري آهي.

بقايا ❊❊❊ **09**

حملي جي مک جوابدار قونين شاهه کي گرفتار ڪري ورتو آهي. پوليس اختيارين موجب، اها گرفتاري ان خدشي سبب عمل ۾ آئي ته متان مک جوابدار شهر مان فرار ٿي وڃي. قابل ذڪر ڳالهه اها آهي ته جوابدار اڳ ۾ ئي گرفتاري کان اڳ واري ضمانت (pre_arrest bail) حاصل ڪري چڪو هو خميس ڏينهن فريال ٽالپر جي صدارت هيٺ گهرو معاملن بابت اسٽينڊنگ ڪميٽي جو اجلاس ٿيو ان معاملي تي بحث دوران، فريال ٽالپر جوابدار کي گرفتار نه ڪرڻ تي سخت ناراضگي جو اظهار ڪيو ۽ پوليس آفيسرن کي ڪيس فوري طور تي گرفتار ڪرڻ جو حڪم ڏنو.

بقايا ❊❊❊ **10**

سبب ٻار جو هٿ ضايع ٿيڻ واري ڪيس ۾ نامزد ڊاڪٽرن ۽ عملي جي اڃا تائين گرفتاري عمل ۾ نه اچي سگهي آهي. جڏهن ته پوليس واقعي جي جاچ لاءِ سنڌ هيلٿ ڪيئر ڪميشن کي خط لکي ڇڏيو آهي. پوليس اختيارين موجب فلاحي اسپتال جي انتظاميا طرفان ٻار کي شروعاتي طور ڪينولا لڳايو ويو هو چئن ڏينهن ڪانپوءِ جڏهن ٻار جا والدين ڪينولا ڪيرائڻ لاءِ اسپتال ويا ته ٻار جي هٿ ۾ انفيڪشن ٿي چڪو هو پوليس موجب والدين بعد ۾ ٻار کي پنهنجي مرضي سان جناح اسپتال کڻي ويا، جتي والدين جي چوڻ موجب اسپتال جي عملي ڪين ٻڌايو ته ڪينولا سبب انفيڪشن پکڙجي ويو آهي. ان ڪانپوءِ ٻار کي اورنگي ٽائون جي خانگي اسپتال منتقل ڪيو ويو جتي سندس هٿ ڪٽڻو پيو پوليس اختيارين ٻڌايو ته واقعي جي سمورن پاسن کان جاچ ڪئي پئي وڃي ۽ لاڳاپيل هٿن جي سي سي ٽي وي وڊيو پڻ حاصل ڪئي

سگهي. جسٽس خالد اسحاق جواب ڏنو ته جيتوڻيڪ اهي تازو وقت تائين "پسنديده بار" هئا، پر هاڻي پاليسي تبديل ٿي وئي آهي؛ هن تجويز ڏني ته انهن کي واپس موڪلي سگهجي ٿو پر صرف پنهنجي ميڊيڪل تعليم مڪمل ڪرڻ کانپوءِ. جسٽس خالد اسحاق وڌيڪ چيو ته آمريڪا ۾ ڪو شخص جائز ويزا کان بغير رهي نٿو سگهي؛ هن ان ڳالهه جو ذڪر ڪيو ته آمريڪا ۽ پاڪستان ٻنهي ملڪن ۾ عدالتون آزاد آهن. ۽ پڇيو ته ڇا اختيارين جو ارادو صرف انهن شاگردن کي موت جي سزا ڏيڻ آهي. جڏهن PMDC جي وڪيل چيو ته اهو رياستي سلامتي جو معاملو آهي، ته جسٽس خالد اسحاق ان دعويٰ کي رد ڪندي چيو ته اهو رياستي سلامتي جو مسئلو ناهي. عدالت حڪم ڏنو ته ڪو به ميڊيڪل ڪاليج ڪنهن به شاگرد کي نيڪالي نه ڏئي ۽ نه ئي سندن امتحان رد ڪري ۽ درخواست تي وڌيڪ ڪارروائي 18 سيپٽمبر تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا ❊❊❊ **12**

صدر چيو "مان افسوس (regret) واري لفظ تي يقين نه ٿو رکان؛ ڪنهن به فيصلي کان پوءِ ان تي سوال اٿاري سگهجن ٿا. هڪ انٽرويو ۾ ٽرمپ چيو ته جيڪڏهن ڪيس اهوئي فيصلو ٻيهر ڪرڻو پوي ها، ته هو بلڪل اهو ئي ڪري ها جيڪو هن ڪيو هو ٽرمپ انهن قياس آرائين کي به رد ڪري ڇڏيو ته سندس ڪجهه حمايتي ان ڇڪتاڻ سبب پريشان يا مايوس آهن. هن چيو "منهنجي خيال ۾ اهي مايوس نه آهن. منهنجي سمجهه ۾ ته کين ان ڳالهه تي فخر آهي ته مان ايران کي ايٽمي هٿيار حاصل ڪرڻ نه ڏئي رهيو آهيان. ٽرمپ پنهنجي ان موقف کي ورجايو ته مڊٽرم چونڊن کان فوري پوءِ هي ڇڪتاڻ ختم ٿي ويندي.هن انٽرويو ۾ چيو ته اهو تڪرار چونڊن کان فوري پوءِ ختم ٿي ويندو.

بقايا ❊❊❊ **13**

ق سنڌو درياهه ۾ تربيلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 16 هزار 300 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 54 هزار 800 ڪيوسڪ رهيو. ڪابل درياهه ۾ نوشهره وٽ پاڻي جو مٿانهون ۽ هيٺانهون وهڪرو ترتيبوار 17 هزار 100 ڪيوسڪ، خيرآباد پل تي پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 1 لک 59 هزار 200 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 1 لک 59 هزار 200 ڪيوسڪ، جهلم درياهه ۾ منگلا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 11 هزار 400 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 30 هزار ڪيوسڪ ۽ چناب درياهه ۾ مرالا وٽ پاڻي جو مٿانهون وهڪرو 41 هزار 800 ڪيوسڪ ۽ هيٺانهون وهڪرو 14 هزار 700 ڪيوسڪ رڪارڊ ڪيو ويو. آبي ذخيرن ۾ تربيلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1402 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1546.42 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1550 فوٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.374 ملين ايڪڙ فوٽ، منگلا ڊيم جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 1050 فوٽ، ڊيم ۾ پاڻي جي موجوده سطح 1221.15 فٽ، ڊيم ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 1242 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 5.667 ملين ايڪڙ فٽ ۽ چشمه بئراج جو گهٽ ۾ گهٽ آپريٽنگ ليول 638.15 فٽ، پاڻي جي موجوده سطح 645.70 فٽ، بئراج ۾ پاڻي ذخيرو ڪرڻ جي انتهائي سطح 649 فٽ ۽ استعمال جوڳي پاڻي جو ذخيرو 0.164 ملين ايڪڙ فٽ رڪارڊ ڪيو ويو.

بقايا ❊❊❊ **14**

ن دوران گڏيل واپار، سيڙپڪاري ۽ عوامي رابطا وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو ويو واپار واري وزارت جي ترجمان مطابق ملاقات ۾ هانگ ڪانگ جو واپار ۽ اقتصادي ترقي بابت سيڪريٽري الجرنن يائو ۽ پاڪستاني قونصل جنرل رياض احمد شيخ به موجود هئا. ٻنهي اڳواڻن گڏيل واپار ۽ اقتصادي لاڳاپن کي وڌيڪ مضبوط بڻائڻ تي اتفاق ۽ سيڙپڪاري ۽ عوامي رابطا وڌائڻ جي عزم جو ورجاءُ ڪيو هانگ ڪانگ جي چيف ايگزيڪيوٽو بيلٽ اينڊ روڊ سمٽ ۾ جام ڪمال خان جي اثرائتي خطاب کي ساراهيو ۽ علائقائي امن ۽ استحڪام کي هٿي ڏيڻ ۾ پاڪستان جي ڪردار جي ساراهه ڪئي، جام ڪمال خان خدمتن، ماليات، هوابازي ۽ بزنس ٽو بزنس رابطن ۾ سهڪار وڌائڻ تي زور ڀريو ۽ ڪيٿي پيسفڪ پاران پاڪستان لاءِ اڏامون بحال ڪرڻ جي تجويز به پيش ڪئي. هن چيو ته بهتر فضائي رابطن سان واپار، سياحت ۽ ڪاروباري سرگرمين کي هٿي ملندي. جام ڪمال خان چيف ايگزيڪيوٽو جان لي کي پاڪستان جي دوري جي دعوت به ڏني.

بقايا ❊❊❊ **15**

قبضي مان هٿيار، موبائيل فون، موٽر سائيڪلون ۽ روڪ رقم هٿ ڪئي وئي. پوليس موجب، ايم_9 موٽر وي (گلاپ روڊ) تي هڪ مقابلي ڪانپوءِ ٻن شڪي ماڻهن کي گرفتار ڪيو ويو جن مان هڪ زخمي هو سندن قبضي مان هٿيار، موبائيل فون ۽ هڪ موٽر سائيڪل هٿ ڪئي وئي. شريف آباد ريلوي ڪراسنگ وٽ پوليس مقابلي ڪانپوءِ عبدالرافع نالي هڪ شڪي شخص کي زخمي حالت ۾ گرفتار ڪيو ويو جڏهن ته ان جو ساٿي فرار ٿيڻ ۾

گهميل رهڻ جو امڪان آهي، جڏهن ته وڌ ۾ وڌ گرمي پد 33 کان 35 ڊگري سينٽي گريڊ تائين رهڻ جو امڪان آهي. هوا ۾ گهم جي شرح وڌيڪ هجڻ سبب گرمي جي شدت معمول کان وڌيڪ محسوس ٿي سگهي ٿي. اڳڪٿي موجب سومر 14 ۽ اڱارو 15 سيپٽمبر تي ڪراچي جي مختلف علائقن ۾ تيز جهڪڙن سان گڏ ڪڪرن ۽ گجگوڙ ۽ تيز هوائن دوران تيز برسات جو امڪان آهي. موسميات کاتي خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن چوماسي جو هي نظام وڌيڪ شدت اختيار ڪري ٿو ته ٿوري وقت ۾ گهڻي برسات سبب شهري هيٺاهين علائقن ۾ پاڻي بيهڻ ۽ شهري ٻوڏ جو خدشو پيدا ٿي سگهي ٿو جڏهن ته روڊن تي ٽريفڪ جي رواني متاثر ٿيڻ ۽ بجلي جي فراهمي ۾ خلل جهڙا مسئلا پڻ سامهون اچي سگهن ٿا.

بقايا ❊❊❊ **17**

ڪارڪردگي ۽ ايندڙ جي لائحه عمل تي تفصيلي غور ڪيو ويندو جمعيت علماءِ اسلام سنڌ جي ڊپٽي سيڪريٽري جنرل مولانا محمد صالح انڍڙ چيو آهي ته انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس کي ڪامياب بڻائڻ لاءِ جي يو آءِ سنڌ جي سمورين ڪميٽين جي ذميوارن جو اهم اجلاس 13 سيپٽمبر سکر ۾ منعقد ٿيندو هن چيو ته اجلاس ۾ انٽرنيشنل پيس ڪانفرنس جي تيارين، انتظامي معاملن، مختلف ڪميٽين جي ڪارڪردگي ۽ ايندڙ جي لائحه عمل جو تفصيلي جائزو ورتو ويندو هن وڌيڪ چيو ته امن عالم اجتماع هڪ اهم عالمي پيغام طور منعقد ڪيو پيو وڃي، جنهن جو بنيادي مقصد سڄي دنيا ۾ امن، ڀائيچاري، انساني قدرن ۽ باهمي احترام جي فروغ لاءِ موثر آواز بلند ڪرڻ آهي. جي يو آءِ سنڌ جي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر اي جي انصاري چيو ته ڪانفرنس کي تاريخي ۽ ڪامياب بڻائڻ لاءِ سمورن شعبن وچ ۾ مربوط رابطو ۽ گڏيل سهڪار انتهائي ضروري آهي. اجلاس ۾ ڪميٽين جا ذميوار پنهنجي پنهنجي اڳڀرائي کان آگاهه ڪندا، درپيش مسئلن ضرورتن تي مشاورت ڪئي ويندي، جڏهن ته ايندڙ پروگرامن کي حتمي شڪل ڏيڻ لاءِ اهم فيصلا پڻ ڪيا ويندا. اجلاس ۾ جي يو آءِ جا مرڪزي اڳواڻ علامه ناصر محمود سومرو، عبدالرزاق عابد لاکو، مفتي سعود افضل هاليجوي، مولانا عبدالله مهر، مفتي عادل لطيف، فقير سڪندر نقشبندي، مولانا محمد ادريس سنڌي، ڊاڪٽر شفيق الرحمن سومرو مولانا محمد طيب ميڪي آصف علي مگسي، مولانا عبدالغفار چاچڙ، جما الدين اوڳاهي سميت ٻيا ذميوار شرڪت ڪري اهم فيصلا ڪندا.

بقايا ❊❊❊ **18**

ن مثال آهي جيسڪو سيپڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ جهڙا ادارا ماڻهن کي بنيادي سهولتون فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا آهن. سنڌ اسيمبلي ۾ ڳالهائيندي شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪي اليڪٽرڪ جي خانگي شعبي جي ڏنو ويو هو پر ڪراچي ۾ اڄ به لوڊشيڊنگ جاري آهي. اهو مسئلو اسيمبلي ۾ بار بار اٿاريو ويو آهي ۽ اسيمبلي ۾ موجود سڀئي سياسي پارٽيون متفق آهن ته ڪي اليڪٽرڪ، هيسڪو ۽ سيپڪو ماڻهن کي گهربل سهولت فراهم ڪرڻ ۾ ناڪام ٿي رهيا آهن هن چيو ته بجلي فراهم ڪندڙ ادارا به منافعو ڪمائي رهيا آهن. پوءِ حڪومت هن مسئلي جي مستقل حل لاءِ هڪ اثرائتو طريقو ڇو نه ٿي ناهي؟ صرف ڏني ويندي آهي. جڏهن ته سنڌ ۽ خاص طور تي ڪراچي کي صاف پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي جي حوالي سان سخت مشڪلاتن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هن چيو ته هي صرف بجلي جو مسئلو ناهي پر پاڻي، گئس، بجلي ۽ موٽروي سميت بنيادي سهولتن جي فراهمي سان لاڳاپيل هڪ وسيع مسئلو آهي. اسان سڀني کي هن مسئلي تي متفق ٿيڻ گهرجي ۽ ڪنهن به اختلاف راءِ جي گنجائش نه هجڻ گهرجي. اسان کي انهن سڀني مسئلن کي پارليامينٽ ۾ زور سان اٿارڻ گهرجي ۽ هڪ اهڙو اثرائتو طريقو ناهڻ گهرجي جنهن ذريعي لاڳاپيل ادارن جو جوابده ٿي سگهي. سينئر وزير چيو ته هڪ پارلياماني ڪميٽي ناهي وئي جنهن هيسڪو سيپڪو ۽ ڪي_ اليڪٽرڪ جي نمائندن کي طلب ڪيو پر ان جي باوجود مسئلو حل نه ٿيو جيڪڏهن سڀئي سياسي پارٽيون هن مسئلي تي متفق آهن ته پوءِ انهن جي آئيني ۽ قانوني اختيار کي استعمال ڪيو وڃي. جيڪڏهن هيسڪو سيپڪو ۽ ڪي_ اليڪٽرڪ پارلياماني ڪميٽي کي مطمئن نه ڪن ته انهن کي ٻيهر طلب ڪيو وڃي. ساڳئي طرح گئس سان لاڳاپيل ادارن، پاڻي جي ذميوار ادارن ۽ لاڳاپيل وزارتن جي نمائندن کي به پارلياماني ڪميٽي آڏو طلب ڪيو وڃي ۽ جيڪڏهن اهي ادارا قانون جي تحت پنهنجون ذميواريون ۽ پارلياماني ڪميٽي آڏو جوابدهي نه ڪن ته انهن خلاف اثرائتي قانوني ڪارروائي ڪئي وڃي. مون کي لڳي ٿو ته هن مسئلي جو واحد موثر حل آهي. ان کان اڳ، قائداعظم محمد علي جناح جي ورسي تي سندس لاءِ دعا جي درخواست ڪندي، سينئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته قائداعظم محمد علي جناح پنهنجي انتهڪ محنت، جدوجهد ۽ قربانين ذريعي پاڪستان جي قيام ۾ تاريخي ڪردار ادا ڪيو اسان سندس لاءِ دعا گهرون ٿا ۽ سندس خدمتن کي خراج تحسين پيش ڪريون ٿا هن چيو ته اسان کي عهد ڪرڻ گهرجي ته اسان

جو اولين مقصد آهي، پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ ڀلائي پوري قوم جي گڏيل ڪوشش سان ئي ممڪن آهي. باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح رحه جي 78هين ورسيءَ جي موقعي تي پنهنجي پيغام ۾ وزيراعظم محمد شهباز شريف چيو ته اڄ باباءِ قوم قائداعظم محمد علي جناح جي 78هين ورسيءَ تي پوري قوم پنهنجي عظيم اڳواڻ جي بصيرت افروز قيادت، باشعور سياسي حڪمت عملي ۽ بي لوث قومي رهنمائي تي دلي خراج عقيدت پيش ڪري ٿي. وزيراعظم چيو ته قائداعظم محمد علي جناح دنيا جو اهو ناليوارو اڳواڻ آهي جنهن تاريخ جي ڌارا تبديل ڪري انتهائي اٿونڊڙ حالتن ۾ ننڍي کنڊ جي مسلمانن جي لاءِ آزاد ملڪ جي راهه هموار ڪئي. قائداعظم ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي مذهبي، تهذيبي ۽ نظرياتي سڃاڻپ جي تحفظ جي لاءِ متحد ٿي جدوجهد ڪرڻ جو عزم جي سياسي ميراث جو اولين مقصد آهي. پاڪستان جي ترقي ۽ خوشحالي ۽ ڀلائي پوري قوم جي گڏيل ڪوشش سان ئي ممڪن آهي. وزيراعظم چيو ته اڄ جو ڏينهن اسان کي ان ڳالهه جي گهرج ڪري ٿو ته اسان بحيثيت قوم قائداعظم جي رهنما اصولن تي قائم رهڻ جو وچن ورجايون. قائد جا اصول ايمان، اتحاد ۽ نظم ۽ ضبط سان مضبوط وابستگي، ايندڙ نسل جي تعليم ۽ تربيت جي لاءِ رهنما ۽ روشن قومي مستقبل جي لاءِ مشعل راهه آهن. وزيراعظم چيو ته قائداعظم جي ميراث کي خراج عقيدت پيش ڪرڻ جو بهترين طريقو اهو ئي آهي ته اسان قومي يڪجهتي، معاشرتي هم آهنگي ۽ معاشي استحڪام جي فروغ جي لاءِ گڏجي ڪم ڪريون ته جيئن ايندڙ نسل کي اهڙو ملڪ ورثي ۾ ملي جيڪو عظيم قائد جي فڪر ۽ نظرين جو حقيقي آئينه دار هجي. هن چيو ته اڄ سموري قوم باني پاڪستان قائداعظم محمد علي جناح جي درجن جي بلنديءَ لاءِ دعاگو آهي. الله تعاليٰ کيس جنت الفردوس ۾ اعليٰ مقام عطا فرمائي.

بقايا ❊❊❊ **20**

۾ غيرجانبدارائي عدالتي عمل ذريعي انصاف کي يقيني بڻائڻ جي خاطري پڻ ڪرائي. مزار قائد تي گلن جي چادر چاڙهڻ، فاتحه پڙهڻ ۽ ڪتاب ۾ پنهنجا تاثرات قلمبند ڪرڻ کانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي وڏي وزير چيو ته آئين ۾ صوبائي سرحدن جي حوالي سان هڪ واضح بيان تيل آهي جنهن تحت لاڳاپيل صوبائي اسيمبلي جي ٻه ٽهائي جي اڪثريت جي منظوري کان سواءِ صوبي جي حدن ۾ تبديلي ڪرڻ ناممڪن آهي. هن سنڌ اسيمبلي پاران صوبي جي ورهاڱي خلاف پاس ڪيل قراردادن جو حوالو ڏيندي چيو ته سنڌ جي عوام پنهنجي چونڊيل نمائندن ذريعي اڳ ۾ ئي پنهنجي راءِ جو اظهار ڪري ڇڏيو آهي. لاڳاپيل صوبي جي بنيادي خوبي آهي ۽ مختلف راين کي ڳالهين ۽ آئيني طريقن سان حل ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته "ڪنهن کي به پنهنجي راءِ جو اظهار ڪرڻ کان روڪي نٿو سگهجي، جمهوريت اظهار جي آزادي ۽ مختلف نقطي نظر جي احترام تي ٻڌل هوندي آهي. ڪاروباري فورمز ۾ تازو ٿيندڙ بحثن تي تبصرو ڪندي مراد علي شاهه چيو ته پاڪستان کي ٻلاشڪ غربت، تعليم جي کوٽ ۽ ٻين سماجي ۽ اقتصادي مسئلن سميت چيلينجز جو سامهون آهي، پر اهڙو بيانيو جوڙڻ جنهن مان سسٽم جي ناڪامي ظاهر ٿئي، اهو نه ته تعميري آهي ۽ نه ئي ڪارائتو هن چيو ته اسان کي مسئلا آهن. ۽ اسان جي ذميواري آهي ته انهن کي بهتر گورننس، مضبوط ادارن ۽ عوامي خدمتن جي فراهمي جي بهتري ذريعي حل ڪريون. وڏي وزير ياد ڏياريو ته سنڌ ۾ گذريل ٻن ڏهاڪن کان سياسي استحڪام آهي ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي کي 2008، 2013، 2018 ۽ 2026 جي چونڊن ۾ صوبي جي عوام پاران مسلسل مينڊيٽ مليو آهي. هن چيو ته سنڌ جو عوام پاڪستان پيپلز پارٽي تي پنهنجو اعتماد برقرار رکيو اچي، ۽ اسان سندن راءِ ۽ مينڊيٽ جو احترام ڪريون ٿا. منشيات بابت پڇيل سوال جي جواب ۾ مراد علي شاهه صوبائي حڪومت جي منشيات جي خلاف زيرو ٽالرنس واري پاليسي جو ورجاءُ ڪيو ۽ منشيات جي خلاف جنگ کي هڪ اجتماعي ذميواري قرار ڏنو هن چيو ته پوليس، ايڪسائيز ۽ نارڪوٽڪس جا اختيارين سماج مان منشيات جي لعنت کي ختم ڪرڻ لاءِ سرگرم عمل آهن. وڏي وزير آخر ۾ پنهنجي حڪومت پاران آئين جي بالادستي، جمهوري حڪمراني، قومي يڪجهتي ۽ عوام جي ڀلائي واري عزم کي ٻيهر ورجايو.

بقايا ❊❊❊ **21**

ا اگهه هن ريت جاري ڪيا آهن. آمريڪي ڊالر جي وڪري جو اگهه 279.14 رپيا ۽ خريد جو اگهه 276.14 رپيا، برطانوي پائونڊ جي وڪري جو اگهه 376.84 رپيا ۽ خريد جو 372.36 رپيا، يوروءَ جي وڪري جو اگهه 323.86 رپيا ۽ خريد جو اگهه 320.05 رپيا، جاپاني ين جي وڪري جو اگهه 1.8081 رپيا ۽ خريد جو اگهه 1.7867 رپيا، سعودي ريال جي وڪري جو اگهه 74.34 رپيا ۽ خريد جو اگهه 73.46 رپيا، اماراتي درهم جي وڪري جو اگهه 76.01 رپيا ۽ خريد جو اگهه 75.11 رپيا رڪارڊ ڪيو ويو.

ترقي، استحڪام ۽ خوشحالي تڏهن ئي ممڪن آهي، جڏهن رياست ۽ سماج قائداعظم جي جمهوري، آئيني ۽ برابريءَ تي ٻڌل اصولن تي عمل پيرا رهن. پيپلز پارٽي جي چيئرمين چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد محترمه بينظير ڀٽو قائداعظم جي جمهوري سوچ کي اڳتي وڌايو ۽ اهڙي پاڪستان لاءِ پنهنجون جانيون قربان ڪيون، جتي آئين جي بالادستي ۽ عوام جي مرضي کي بنيادي حيثيت حاصل هجي. بلاول ڀٽو زرداري چيو ته قائداعظم جو خواب اهڙو پاڪستان هو جتي سمورن شهرين کي برابر حق حاصل هجن، قانون جي حڪمراني هجي ۽ جمهوري اصولن جو احترام ڪيو وڃي. اسان کي قائداعظم جي ورسيءَ جي موقعي تي سندس خواب کي حقيقت جو روپ ڏيڻ واري عزم جي تجديد ڪرڻي پوندي.

بقايا ❊❊❊ **24**

سيپٽمبر تائين ڏيلي قومي پوليو روڪٿام مهم منعقد ڪئي ويندي جنهن دوران پنجن سالن کان گهٽ عمر جي اٽڪل 3 ڪروڙ 10 لک ٻارن کي تربيت يافته پوليو ورڪرز گهر گهر وڃي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارينڊا. نيشنل اي او سي مطابق پنجاب صوبي جي 13 مخصوص ضلعن ۾ هڪ ڪروڙ 6 لک ٻارن، سنڌ جي 30 ضلعن ۾ هڪ ڪروڙ ٻارن، خيبرپختونخواهه جي 37 ضلعن ۾ 73 لک ٻارن جڏهن ته بلوچستان جي 32 ضلعن ۾ 23 لک ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ ويندا. اهڙي طرح اسلام آباد ۾ 4 لک 47 هزار جڏهن ته گلگت بلتستان جي 2 مخصوص ضلعن ۾ هڪ لک 37 هزار ٻارن کي پوليو کان بچاءُ جا ڦڙا پيارڻ ويندا. نيشنل اي او سي جو چوڻ آهي ته ٻارن کي پوليو کان محفوظ مستقبل فراهم ڪرڻ اسان سڀني جي گڏيل قومي ذميواري آهي. مرض جي مڪمل خاتمي لاءِ والدين پوليو ٽيمن سان ڀرپور سهڪار کي يقيني بڻائين.

بقايا ❊❊❊ **25**

ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ (ڊي سي ڊي) جو دورو ڪيو جتي اطلاعات ۽ نشريات واري وفاقي وزير عطاء الله تارڙ کيس کاتي جي مختلف شعبن، ڊائري ۽ ڪم ڪار بابت تفصيلي بريفنگ ڏني. ان موقعي تي ڊجيٽل پليٽ فارمن جي موثر استعمال، پاڪستان جي مثبت تشخص ۽ قومي بيانيي کي اجاگر ڪرڻ ادا ڪري رهيا آهن. حمزه شهباز شريف ڊجيٽل ڪميونيڪيشن ڊپارٽمينٽ جي مختلف شعبن ۾ جاري سرگرمين ۾ گهري دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ ڊجيٽل ڪميونيڪيشن جي شعبي ۾ اطلاعات واري وزارت جي ڪوشش کي ساراهيو حمزه شهباز شريف چيو ته ڊجيٽل ميڊيا عوام تائين معلومات جي بروقت پهچ ۽ حڪومتي قدمن کي موثر انداز ۾ اجاگر ڪرڻ جو هڪ اهم ذريعو آهي. هن چيو ته ڊجيٽل پليٽ فارمن جي موثر استعمال سان پاڪستان جو مثبت تشخص ۽ قومي بيانيو دنيا تائين پهچائي سگهجي ٿو حمزه شهباز شريف اطلاعات واري وزارت جي ڊجيٽل ڪميونيڪيشن جي شعبي ۾ جاري قدمن ۽ جديد ٽيڪنالاجي جي استعمال کي تحسين لائق قرار ڏنو ان موقعي تي ڊجيٽل ٽيڪنالاجي، سوشل ميڊيا ۽ ٻين پليٽ فارمن ذريعي عوامي ۽ اثرائتي رابطي تي به خيالن جي ڏي وٺ ڪئي، جڏهن ته پي ٽي وي ڊجيٽل ذريعي مواد جي ڊجيٽل پهچ کي وڌيڪ سگهه ڏيڻ جي معاملن تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي. حمزه شهباز شريف کي ڊجيٽل ڪميونيڪيشن جي شعبي ۾ جاري قدمن جي باري ۾ پڻ آگاهه ڪيو ويو ان موقعي تي وفاقي وزير رانا مبشر اقبال، مملڪتي وزير عبدالرحمان ڪنجو، وزيراعظم جو ميڊيا ڪوآرڊينيٽر بدر شهباز وڙائچ ۽ وزيراعظم جو خاص مددگار طلحه برڪي پڻ موجود هئا.

بقايا ❊❊❊ **26**

ح کي سندس عظيم جدوجهد تي زبردست خراج عقيدت پيش ڪندي چيو آهي ته ننڍي کنڊ جي مسلمانن کي غلامي کان ڇوٽڪارو ڏيارڻ لاءِ دنيا جي نقشي تي هڪ آزاد ۽ باوقار رياست قائم ڪئي. سندس بي مثال قيادت قومي تاريخ جو روشن ترين باب آهي. پنهنجي پيغام ۾ محسن نقوي چيو ته قائد اعظم جي شخصيت اصول ۽ ڪردار جي بلندي، سچائي ۽ عمل جي هڪجهڙائي نمايان هئي. هن شديد بيماري باوجود عزم ۽ همت سان قوم کي آزادي جي منزل تائين پهچايو وفاقي وزير داخله چيو ته قاعد اعظم اقليتن جي برابر حقن جو علمبردار هو ۽ حڪومت کي عوام جي امانت سمجهندو هو هن چيو ته ايمان، اتحاد ۽ تنظيم پاڪستان جو اصل روح آهن. جن تي عمل ئي ملڪي ترقي جو واحد رستو آهي.

بقايا ❊❊❊ **27**

ن کي روڪي ڇڏيو ذريعن موجب واقعو 9 سيپٽمبر تي ملتان کان جدي ويندڙ پي آءِ اي جي اڏام پي ڪي 739 ۾ پيش آيو جتي ڪسٽم عملدارن فضائي عملي جي سامان جي تلاشي دوران سگريٽ هٿ ڪري پنهنجي تحويل ۾ وٺي ڇڏيا. ذريعن موجب ڪسٽم عملدارن فلائيٽ پرسر عزرا جميل، امتياز، فضائي ميزبان قدسيه عدنان، وقاص

بنياد آهن. قاعداعظم اتحاد، ايمان ۽ نظم وضبط ذريعي ورهايل قوم کي هڪ نئون رستو ۽ سڃاڻپ ڏني. پنهنجي پيغام ۾ عبدالعليم خان زور ڀريو ته قاعداعظم جي ديانتداري، امانتداري ۽ اصول پسندي قوم لاءِ هميشه مشعل راهه رهندي. قائد اعظم جي فڪر فرمان تي عمل پيرا ٿي پاڪستان کي اندروني طور تي مضبوط، خوشحال ۽ خودمختيار رياست بڻائي سگهجي ٿو هن چيو ته پوري قوم کي ملڪي ترقي ۽ استحڪام لاءِ گڏيل اتحاد جو مظاهرو ڪرڻو پوندو.

بقايا ❊❊❊ **30**

ن خلاف ڪارروائي ڪندي ڪيترن ئي اهلڪارن کي معطل ڪيو ويو سنڌ جي گهرو وزير سڀ کان پهريان فيروز آباد ٿاڻي جو اوچتو دورو ڪيو جتي هن ٿاڻي ۾ موجود شهرين کان سندن معطل ڪرڻ جا حڪم جاري ڪيا ويا، جڏهن ته ڪيترائي اهلڪار ڊيوٽي دوران پوليس جي وردي ۾ موجود نه هئا. سنڌ جي گهرو وزير شاهراهه فيصل ٿاڻي جو پڻ اوچتو دورو ڪيو ۽ اتي ايس ايڇ او امتياز سميت عملي جي حاضري ۽ ڊيوٽي جو جائزو ورتو ذريعن موجب شاهراهه فيصل ٿاڻي جي 6 اهلڪارن ڪانسواءِ ايس ايڇ او سميت باقي سمورو عملي کي معطل ڪرڻ جا حڪم ڏنا ويا. ضياءُ الحسن لنجار واضح ڪيو ته پوليس اهلڪارن لاءِ وردي پائي ڊيوٽي انجام ڏيڻ لازمي آهي. پوليس جو بنيادي ڪم عوام جي خدمت ۽ سندن جان ۽ مال جو تحفظ ڪرڻ آهي. فرض ۾ ڪنهن به قسم جي ڪوتاهي برداشت نه ڪئي ويندي. سنڌ جي گهرو وزير چيو ته هو اڳتي به ٿاڻن جا اوچتا دورا ڪندو رهندو ۽ پوليس جي نظام ۾ ڪنهن به قسم جي غفلت برداشت نه ڪئي ويندي. هن واضح ڪيو ته "نه ننڍو منشي هلندو ۽ نه وڏو منشي." هن چيو ته پوليس آفيسر ۽ اهلڪار پنهنجون ذميواريون ايمانداري ۽ قانون موجب انجام ڏين. عوام سان سلو ورتاءُ ڪيو وڃي ۽ ٿاڻن تي ايندڙ شهرين جي شڪايتن جو فوري ازالو يقيني بڻايو وڃي.

بقايا ❊❊❊ **31**

12 سالن جو ٻار ٻڏي فوت ٿي ويو ريسڪيو عملدارن موجب، ٽوبن ٻار جي لاش کي ٻاهر ڪڍي ورتو آهي: ان وڏي پلاٽ ۾ موجود پاڻي جي اونهائي 30 فوٽن کان وڌيڪ ٻڌائي پئي وڃي. ريسڪيو اختيارين ٻڌايو ته ٻه دوست اتي پاڻي ۾ وهنجڻ لاءِ آيا هئا ته هڪ ٻاهر نڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا، پر ٻيون ٻڏي ويو ڏٺل دوستن ان وقت ڪنهن کي به اطلاع نه ڏنو پر بعد ۾ پنهنجي گهر وارن کي ان بابت ٻڌايو ريسڪيو اختيارين فوت ٿيل ٻار جي سڃاڻپ ايليه (بت اينٿوني) طور ڪئي آهي.

بقايا ❊❊❊ **32**

س بيسڊ آپريشن تي سيڪيورٽي فورسز کي شاندار لفظن ۾ خراج تحسين پيش ڪيو آهي. ڪارروائي دوران افغان خارجي سميت 4 دهشتگرد مارجي ويا آهن پنهنجي بيان ۾ گهرو وزير سيڪيورٽي فورسز جي پيشيوراڻي مهارت ۽ وقتائتي ڪارروائي کي ساراهيندي چيو ته خيبر پختونخواهه ۾ امن امان لاءِ فورسز جون قربانيون ۽ ڪوششون تعريف جوڳيون آهن. محسن نقوي چيو ته سيڪيورٽي فورسز جا بهادر جوان قوم جو فخر آهن ۽ پوري قوم دهشتگردي جي مڪمل خاتمي تائين پنهنجي بهادر فوج سان گڏ بيٺل آهي.

بقايا ❊❊❊ **33**

۽ ساڙ باروارئي ڪيس ۾ 6 جوابدارن جي ضمانت منظور ڪري ورتي. عدالت جوابدارن کي 50,50 هزار رپين جا ضمانتي مچلڪا جمع ڪرائڻ جو حڪم ڏيندي فيصلي ۾ جاچ دوران ٿيل خامين جي پڻ نشاندهي ڪئي. عدالت قرار ڏنو ته ڪيس موجب جوابدار صبح جو ساڍي 6 وڳي زبردستي دڪان بند ڪرائي رهيا هئا، جڏهن ته ڪاروباري مرڪزن ۾ دڪان عام طور صبح 9 وڳي ڪانپوءِ کلندا آهن. عدالت فيصلي ۾ چيو ته جاچ آفيسر دڪاندارن جا بيان قلمبند نه ڪيا، جڏهن ته ايف آءِ آر ۾ ٻين دستاويزن ۾ پڻ دڪاندارن جي سڃاڻپ موجود ناهي. عدالت موجب ساڙيل موٽرسائيڪلن جي مالڪن جا بيان پڻ جاچ آفيسر قلمبند نه ڪيا. عدالت قرار ڏنو ته جوابدارن خلاف مبينا ڏوهه بابت ڪو به اکين ڏٺو شاهد موجود ناهي. جڏهن ته ڪيس ۾ جوابدارن جو مخصوص ڪردار پڻ واضح نه ڪيو ويو آهي.

بقايا ❊❊❊ **34**

ي رهي آهي. لاهور هاءِ ڪورٽ بار ۾ وڪيلن جي ڪنوينشن کي خطاب ڪندي بئريسٽر گوهر چيو ته پي ٽي آءِ باني کي ڪوڙن ڪيسن ۾ قيد ڪيو ويو آهي ۽ هن پارٽي کي کنڊي لڳائڻ (يا مشڪل صورتحال ۾ ڌڪڻ) جي ڪوشش خلاف خبردار ڪيو هن زور ڏنو ته صوبن سان لاڳاپيل مسئلن يا ٻين معاملن تي اسيمبليءَ اندر بحث ٿيڻ گهرجي. پنهنجي خطاب ۾ حامد خان چيو ته 26هين ۽ 27هين ترميمون عدليه کي ڪنٽرول ڪرڻ لاءِ آنديون ويون هيون. هن وڌيڪ چيو ته جن ماڻهن کي جج مقرر ڪيو پيو وڃي اهي انصاف فراهم ڪرڻ جي صلاحيت نٿا رکن. سوال اٿاريو ته جيڪڏهن گهرو وزير اهو دعويٰ ڪري ٿو ته نظام ناڪام ٿي چڪو آهي ته

بقايا عوامي سوچ 01

ڪرام، نعتخوانن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي. محفل دوران سڄي ماحول ۾ عشقِ رسول ﷺ ۽ عقيدت جو جذبو نمايان نظر آيو. جشن عيد ميلادالنبي ﷺ جي هن بابرڪت پروگرام جي ميزباني فقير استاد غلام قادر منگريو، فقير استاد غلام مصطفيٰ منگريو، فقير ڊاڪٽر جان محمد منگريو، فقير ارشاد علي منگريو، فقير ڊاڪٽر عبدالقادر منگريو ۽ فقير اعجاز علي منگريو ڪئي. محفل ۾ مولانا محمد ياسين سومرو سڪندري ۽ خطيب علامه مولانا عطا حسين سومرو سڪندري خطاب ڪندي حضور اڪرم ﷺ جي سيرتِ طيبه، سندن اعليٰ اخلاق، انسانيت سان محبت، اخوت ۽ ڀائيچاري بابت تفصيلي روشني وڌي. عالمِن ڪرام پنهنجي خطاب دوران مسلمانن کي حضور پاڪ ﷺ جي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۽ سندن سيرتِ مبارڪ کي پنهنجي زندگيءَ لاءِ مشعلِ راهه بڻائڻ تي زور ڏنو. ان موقعي تي نعتخوان فقير شمس الدين ابوپوٽو، فقير مير منگريو ۽ فقير سليم منگريو پنهنجي خوبصورت ۽ عقيدت ڀرين نعتن سان بارگاهه رسالت ﷺ ۾ محبت جا نذرانا پيش ڪيا. جنهن دوران محفل ۾ موجود عاشقان رسول ﷺ پاران درود و سلام پڙهي عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو ويو. محفل دوران شرڪت ڪندڙن ۾ مذهبي جذبو ۽ روحاني ڪيفيت برقرار رهي. عيد ميلادالنبي ﷺ جي آمد تي خوشي جو اظهار ڪندي شرڪت ڪندڙن پاران حضور اڪرم ﷺ سان پنهنجي والهاڻي محبت ۽ عقيدت جو اظهار ڪيو ويو. پروگرام جي پڄاڻيءَ تي ملڪ جي سلامتي، امن ۽ خوشحالي، امتِ مسلمه جي اتحاد ۽ ڀلائي سميت سموري انسانيت لاءِ خصوصي دعا گهري وئي. جنهن کان پوءِ شرڪت ڪندڙن ۾ لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو. ان موقعي تي شرڪت ڪندڙن ميزبانن جي اهڙي بابرڪت ۽ روحاني محفل جي اهتمام کي

بقايا عوامي سوچ 02

ڪيو ويو. جنهن ۾ عاشقان رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. منعقد ڪيل جشن عيد ميلادالنبي صلعم کي حضرت علامه مولانا سائين شير محمد پتافي سيفي مجددي، مولانا حافظ زاهد رضا امجدي، مولانا حافظ عبدالواحد صديقي ۽ ٻين علماء اڪرامن واعظ ڪري اسانجي آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي شان مبارڪ توڙي زندگي مبارڪ تي روشني وجهي هڪ الله ۽ ان جي رسول صلعم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪندي سيرتِ مصطفيٰ ﷺ تي روشني وڌي. جڏهن ته هن پروگرام ۾ شريڪ نعت خوانن نعت شريف پڙهڻ جي سعادت ماڻي. آخر ۾ ملڪ جي خوشحالي، سلامتي، امن امان لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون. جنهن ۾ علائقي واسين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري آيل مهمانن جو ٿورو مڃيو.

بقايا عوامي سوچ 03

ي نگراني ۾ سوئي گئس جي چوري ۽ غير قانوني ڪنيڪشنن خلاف مهم کي تيز ڪندي گهاروجي ڪيترن ئي علائقن ۾ گئس چوري جي نشاندهي ڪري ان خلاف فوري ڪارروائي ڪندي سيني سڄاٽپ ٽيل ڪيسن کي سوئي سدرن گئس ڪمپني جي ضابطن مطابق حل ڪيو ويو. ان سلسلي ۾ ايس ايس جي سي گهارو جي سب زونل مئنيجر اقبال احمد ڪرناٽي ٻڌايو آهي ته سوئي گيس چوري خلاف آپريشن سان گڏوگڏ ٽيم گيس جي ورهاست واري نيٽ ورڪ جي سخت نگراني ڪرڻ سميت متاثر ٽيل لائينن کي درست ڪري جائز صارفين لاءِ گيس جو پريشر برقرار رکڻ ۽ بهتر بڻائڻ لاءِ ضروري اپاءَ ورتا پيا وڃن. هن چيو ته سندن ٽيم انهن علائقن جي خاص طور نگراني ڪري رهي آهي جتي گيس جي چوري جي ڪري پريشر گهٽ آهي ٽيڪنيڪل طور انهن مسئلن کي حل ڪري جائز صارفين لاءِ مستحڪم ۽ قابل اعتماد گئس جي فراهمي کي يقيني بڻايو پيو وڃي. اقبال احمد ڪرناٽي چيو ته گهارو ٽيم جو عزم آهي ته گهارو کي سوئي گئس چوري کان پاڪ هڪ ماڊل ٽائون بڻائڻ سان گڏوگڏ مسلسل فيلڊ مانيٽرنگ ۽ عوام جي تعاون سان گئس جي پريشر ۾ بهتري. صارفين جي اطمينان ۽ بغير رڪاوٽ گيس جي فراهمي کي يقيني بڻايو ويندو. ايس ايس جي سي گهارو جي سب زونل مئنيجر اقبال احمد ڪرناٽي وڌيڪ چيو ته اسان جو مقصد گهاروجي عوام کي گئس چوري جي نقصان کان بچائڻ ۽ جائز صارفين کي سندن حق ڏيارڻ آهي. عوام کي گهرجي ته هو گئس چوري جي ڪنهن به ڪيس جي فوري اطلاع ڪين ڏين ته جيئن ان خلاف سخت ڪارروائي ڪري گئس چوري کي بنجو ڏيئي گئس چوري ڪندڙن خلاف قانوني ڪاروائي ڪرائي سگهجي. جيئن آئند ڪو به اهڙو غلط عمل ڪري نه سگهي

بقايا عوامي سوچ 04

ر ون عمران الحق جي صدارت هيٺ ضلعي انٽيليجنس ڪميٽي ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي واري منصوبي تي عملدرآمد بابت ضلعي سطح جي ڪميٽي جو اجلاس گڏيل منعقد ٿيو. اجلاس ۾ پوليس، اسپيشل برانچ، سي ٽي ڊي، آءِ ايس آءِ، ايم آءِ، آءِ بي، نادرا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا آفيسر شريڪ ٿيا. اجلاس دوران ضلعي جي سيڪيورٽي صورتحال، انٽيليجنس معاملن ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي واري منصوبي تي عملدرآمد بابت مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو. لاڳاپيل ادارن جي آفيسرن پنهنجي پنهنجي کاتن پاران کنيل قدمن ۽ موجوده صورتحال بابت بريفنگ ڏني. ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق لاڳاپيل آفيسرن کي هدايت ڪئي ته ضلعي ۾ امن امان ۽ سيڪيورٽي جي حوالي سان باهمي رابطن کي وڌيڪ مؤثر بڻايو وڃي، شڪي سرگرمين ۽ غير قانوني طور رهندڙ پرڏيهي ماڻهن بابت معلومات جي بروقت تصديق ڪئي وڃي ۽ سمورا لاڳاپيل ادارا پنهنجون ذميواريون مربوط طريقي سان انجام ڏين. هن چيو ته غير قانوني پرڏيهين جي واپسي واري منصوبي تي عملدرآمد جي سلسلي ۾ موجود رڪارڊ کي اپڊيٽ رکيو وڃي ۽ لاڳاپيل ادارن وچ ۾ معلومات جي بروقت ڏي وٺ کي يقيني بڻايو وڃي. هن وڌيڪ هدايت ڪئي ته سيڪيورٽي ۽ انٽيليجنس سان لاڳاپيل معاملن ۾ ڪنهن به اهم اڳڀرائي بابت ضلعي انتظاميه کي فوري طور آگاهه ڪيو وڃي. جيئن بروقت قدم کڻي سگهجن.

بقايا عوامي سوچ 05

ٿئي ٿو. تعلقي مٺي جي ڳوٺ پڇاندو پار جي 20 ايڪڙ زمين، جيڪا گئوچر جي زمين آهي، تي ڊپٽي ڪمشنر طرفان جاري ڪيل سخت نوٽيس باوجود بااثر ماڻهن جي نگراني هيٺ پوک ڪئي پئي وڃي. ڊپٽي ڪمشنر مٺي جو ماتحت عملو غريب ۽ بي سهارا هارين کي قانوني پيچيدگين ۾ ڦاسائي بااثر ماڻهن کي کليل ڇوٽ ڏئي رهيو آهي. سرڪار طرفان مال مويشي جي چاري لاءِ مخصوص سرڪاري زمين جي حفاظت ۽ ان تي قبضي خلاف آواز بلند ڪرڻ هاڻي هارين جي ذميواري بڻجي وئي آهي. سپريم ڪورٽ جي فيصلن ۽ ڊپٽي ڪمشنر مٺي طرفان گئوچر زمين تي لاڳو ڪيل دفعه 144 تي سختيءَ سان عملدرآمد کي يقيني بڻايو وڃي. گئوچر تي مال مويشي جو حق آهي. انهن جي عالمي ۽ ملڪي حقن جي پاسداري ڪئي وڃي. اهي ڳالهيون سنڌ هاري ڪميٽي جي اڳواڻ ڪامريڊ اقبال مٺي پريس ڪلب آڏو پڇاندو پار جي هارين جي گئوچر تي قبضي خلاف احتجاج کي خطاب ڪندي چيون. ڪامريڊ اقبال چيو ته قبضي گيريءَ جي هيءَ ڪريل مهم گئوچر تي قبضي جي هجي يا سنڌ کي ٽن حصن ۾ ورهائڻ جي سازش. سنڌ جا هاري، آبادگار ۽ باشعور عوام ان عمل خلاف پنهنجو سخت ردعمل ڏيندا. هن ڊپٽي ڪمشنر کي پرزور اپيل ڪئي ته هو پاڻ پڇاندو پار ڳوٺ جو دورو ڪري. قبضي هيٺ آيل گئوچر کي بااثر ماڻهن کان خالي ڪرائي. جانورن جي حقن لاءِ هڪ بهترين مثال قائم ڪري. ٻي صورت ۾ سنڌ هاري ڪميٽي سڄي ٿر ۾ قبضي هيٺ آيل گئوچر خالي ڪرائڻ واري مهم ۾ تيزي آڻيندي.

بقايا عوامي سوچ 06

دن استادن ۽ شهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ميرٽ جي لتاڙ ۽ تعليمي درسگاهن ۾ گهربل سهولتن جي کوٽ خلاف سخت نعريبازي ڪئي. هن موقعي تي جي ٽي آئي ضلع صدر عبدالصمد سومرو، حنيف سومرو، مولوي اشرف ميمڻ ۽ ٻين خطاب ڪندي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ ايس ٽي ايس جهڙي بهترين ادارن ۾ مبينه ڪرپشن ۽ سفارش ڪلچر هجڻ سبب غريب اميدوارن سان سراسر ناانصافي ٿيندي رهي آهي. هنن چيو ته سڄاول سميت سنڌ جي تعليمي درسگاهن ۾ شاگردن لاءِ گهربل سهولتون ميسر ناهن. هنن چيو ته اسانجا چونڊيل نمائيندا ۽ اعلى عملدار ادارن جي بهتري ۽ تعليم جي واڌاري لاءِ ڪا به توجه نٿا ڏين جنهنڪري تعليم تباهي طرف وڃي رهي آهي. هنن مطالبو ڪيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ۽ ايس ٽي ايس ۾ ميرٽ جي لتاڙ کي روڪي اهل اميدوارن کي نوڪريون ڏنيون وڃن سميت تعليمي ادارن ۾ گهربل سهولتون فراهم ڪيون وڃن

بقايا عوامي سوچ 07

ي اعزاز ۾ ڊنر جو انتظام ڪيو ويو. ان موقعي تي سيد امير علي شاهه هاشمي صدر پاڪستان پيپلزپارٽي ضلع مٽياري چيو ته سنڌ سان دشمني ڪنهن به صورت برداشت نه ڪنداسين سنڌ کي ٽڪرن ۾ ڪير به نٿو ورائي سگهي سنڌ هڪ آهي ۽ هميشه هڪ رهندي. هن وقت اسيمبلين سميت هر فورم تي پيپلزپارٽي هي آواز اٿاري رهيو آهي سنڌ اسيمبلي مان هر وقت هڪ هي آواز بلند ٿي رهيو آهي ته سنڌ اسان جي ماءُ آهي ڪو به حلالي پٽ پنهنجي ماءُ کي حصن ۾ نه چاهيندو. پاڪستان پيپلزپارٽي عوامي پارٽي آهي جنهن هميشه عوام جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي هن وقت مٽياري ضلعي ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن ۽ ڪجه هن وقت جاري آهن اسان جا دروازا هميشه عوام لاءِ کليل آهن ان موقعي تي . وڏيرو هارون باريجو، خادم حسين ڪوري، عابد ساهووال وغيره موجود هئا.

بقايا عوامي سوچ 08

۽ ٽنگن ۾ زخمن رسيا آهن. بهتر علاج نه ٿيڻ ڪري زخم ناسور بڻجي رهيا آهن. جنهن ڪري سندس وارث سخت پريشان آهن. ان سلسلي ۾ زخمي ٿيل پيرسن عورت جي وارثن پٽ بلاول ميربحر ٻڌايو ته 17 ڏينهن اڳ 26 آگسٽ تي سندس پيرسن امڙ روڊ ڪراس ڪري رهي هئي ته ڪراچي کان موٽر سائيڪلن تي ڪينجهر ڍنڍ تي پڪنڪ ملهائڻ لاءِ ايندڙ نوجوانن پيرسن سندن امڙ کي زوردار ٽڪر هڻي سخت زخمي ڪري ڇڏيو. جيڪا هن وقت ڪراچي جي اسپتال ۾ زندگي ۽ موت جي چوواٽي تي پيل اهي. جنهن جو بهتر علاج نه ٿيڻ ڪري زخم خراب ٿي رهيا آهن. هنن چيو ته حادثو 26 آگسٽ تي ٻن موٽر سائيڪل سوارن پاران ڪيو ويو. جن جو تعلق ڪراچي لياري سان آهي. جن کي گهارو پوليس گرفتار ڪرڻ بعد سندن امڙ جو علاج ڪرائڻ بنا ڪين ڇڏي ڏنو. بلاول ميربحر ٻڌايو ته زخمي عورت مسمات امينه هن وقت جناح اسپتال ڪراچي ۾ بي يارو مددگار پيل آهي. جتي اسپتال جو عملو روزانو 4 هزار روپين جون دوائون لکي ٿا ڏين. پر اسان جي مالي حالت ڪمزور هجڻ ڪري هاڻي دوائون به خريد ڪري نٿا سگهون. جڏهن ته آپريشن جي لاءِ 40 هزار روپين جي گهر ڪئي پئي وڃي. بلاول ميربحر سمورن وس وارن کي اپيل ڪئي آهي ته هو مسمات امينه جي علاج ۾ مدد ڪري ان جي حياتي بچائي ڪيس زخمي ڪندڙن کي گرفتار ڪري ساڻن انصاف ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 09

شرڪت ڪئي. تقريب ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سنيو ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي جتوئي خاص شرڪت ڪئي ۽ استادن جي سروس اسٽرڪچر، ترقي ۽ ٻين مسئلن بابت خطاب ڪيو. ڊائريڪٽر فنانس پرائمري ڪراچي الاهي بخش چنا ۽ ايڊيشنل ڊائريڪٽر ڪراچي محمد حاجي ٻريڙو پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڪامياب ورڪرز ڪنوينشن منعقد ڪرڻ تي پ ٽ الف ڪراچي ڊويزن جي قيادت کي مبارڪباد ڏني ۽ استادن جي خدمتن کي ساراهيو. پ ٽ الف ڪراچي ڊويزن جي صدر اختر نواز قريشي، نائب صدر فيميل صنوبر وارثي، ڊسٽرڪٽ سائوٿ جي صدر اصغر علي ڪوريجو، اصفهان انصاري ۽ ٻين مقررين خطاب ڪندي استادن جي حقن، عزتِ نفس، سروس اسٽرڪچر ۽ تعليمي نظام جي بهتري لاءِ گڏيل جدوجهد جاري رکڻ تي زور ڏنو. تقريب دوران نمايان ڪارڪردگي جو مظاهرو ڪندڙ 150 بهترين استادن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا. ان موقعي تي ڪنوينشن جي ڪاميابي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪندڙ عهديدارن ۽ ڪارڪنن، جن ۾ اختر نواز قريشي، جاويد اقبال ميمڻ، محمد شاهد پٽي، نسيم احمد، محمد شڪيل صديقي، سيمسن نذير، محمد زاهد، صنوبر وارثي، اصغر علي ڪوريجو، حفصه شهزادي، شهزادو مگسي، محمد ڪامران، اصفهان انصاري، مهربان علي خان، محمد طارق، رفيق خاصخيلي، مقصود علي انصاري، امتياز احمد قريشي، نواز علي، اعجاز احمد خان، سيد مسعود اختر، زبير اقبال ۽ راڻو لياقت علي شامل آهن، جي خدمتن ۽ ڪاوشن کي ساراهيو ويو. پ ٽ الف ڪراچي ڊويزن جي قيادت پاران ان عزم جو اظهار ڪيو ويو ته استادن جي حقن، سروس اسٽرڪچر، ترقي ۽ تعليمي نظام جي بهتري لاءِ جدوجهد اتحاد، نظم ۽ ضبط ۽ گڏيل سهڪار سان جاري رکي ويندي

بقايا عوامي سوچ 10

ڪي ڪجهه به نه سمجهندي سٽي ڪورٽ ۾ پيش نه ٿيو. ذريعن موجب فتاح شيخ پنهنجي جونئر آفيسر ڊپٽي ڊائريڪٽر عابد حسين چانڊيو تي تشدد جا جيڪي الزام لڳايا هئا، اهي عدالت ۾ ثابت نه ڪري سگهيو. نه وري هن پنهنجي ڪنهن زخم جو ميڊيڪل رپورٽ به جمع ڪرايو. قانوني ماهرن جو چوڻ آهي ته ڪنهن به فوجداري ڪيس ۾ مدعي جو ڪورٽ ۾ پيش ٿيڻ ۽ ميڊيڪل ثبوت ڏيڻ لازمي آهي. پر ڊي جي فتاح شيخ ٻنهي شين کان پاسو ڪري ويو. جنهن مان صاف ظاهر ٿئي ٿو ته اهو سڄو ڪيس جهوٽ ۽ اثر رسوخ تي ٻڌل آهي. ٻئي پاسي عابد حسين چانڊيو کي اڄ عدالت مان سينٽرل جي حوالي ڪيو ويو سول سوسائٽي سوال ڪري ٿي ته "جيڪڏهن هڪ ڊي جي پاڻ عدالت جو احترام نه ڪندو ته پوءِ عام ماڻهو قانون تي ڪيئن اعتبار ڪندو

بقايا عوامي سوچ 11

عيد ميلادالنبي صلي الله عليه وآله وسلم جو جلسو حافظ علي شير آرائين جي نگراني ۾ منعقد ڪيو ويو. جنهن ۾ عاشقان رسول وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. منعقد ڪيل جشن عيد ميلادالنبي صلعم کي حضرت علامه مولانا سائين شير محمد پتافي سيفي مجددي، مولانا حافظ زاهد رضا امجدي، مولانا حافظ عبدالواحد صديقي ۽ ٻين علماء اڪرامن واعظ ڪري اسانجي آخري نبي حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي شان مبارڪ توڙي زندگي مبارڪ تي روشني وجهي هڪ الله ۽ ان جي رسول صلعم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪندي سيرتِ مصطفيٰ ﷺ تي روشني وڌي. جڏهن ته هن پروگرام ۾ شريڪ نعت خوانن نعت شريف پڙهڻ جي سعادت ماڻي. جڏهن ته آخر ۾ ملڪ جي خوشحالي، سلامتي، امن امان لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون. جنهن ۾ علائقي واسين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري آيل مهمانن جو ٿورو مڃيو

بقايا عوامي سوچ 12

ٻڙ چوڪ کان پريس ڪلب تلهار تائين احتجاجي ريلي ڪڍي وئي ريلي ۾ ڪارڪنن ۽ نوجوانن هٿن ۾ بينر ۽ جهنڊا کڻي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن شاهزيب، ارسلان، عبدالسلام ۽ ٻين ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ جي نوجوانن سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ سندن حقن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي. هنن چيو ته گريڊ هڪ کان پنج ۽ گريڊ پنج کان پندرهن تائين جي نوڪرين ۾ ميرٽ ۽ نوجوانن جي حقن جي مبينا لتاڙ ڪئي وئي آهي. جنهن خلاف نوجوان سخت پريشان آهن. اڳواڻن وڌيڪ چيو ته حيدرآباد ۾ نوجوان گڏيل ڪيترن ئي ڏينهن کان سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي آفيس آڏو پنهنجن حقن لاءِ مسلسل احتجاج ڪري رهيا آهن. پر افسوس جو هن وقت تائين سندن مسئلن جي حل ۽ انصاف لاءِ ڪو به سنجيده قدم نه کنيو ويو آهي. هنن حڪومت سنڌ ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته جيڪي به ذميوار آفيسر يا ادارا نوجوانن جي حقن ۽ ميرٽ جي مبينا لتاڙ جا ذميوار آهن. تن خلاف شفاف جاچ ڪري قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ نوجوانن کي سندن جائز حق ميرٽ جي بنياد تي فراهم ڪيا وڃن.

بقايا عوامي سوچ 13

ب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. مظاهري کي ضلعي صدر محمد انس افتخار حضروي، جنرل سيڪريٽري عبدالوهاب ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي CCE_2024سميت تازن نتيجن بابت ميرٽ ۽ شفافيت تي سنگين سوال اٿي رهيا آهن. جنهن سبب هزارين تعليم يافته نوجوانن ۾ بيچيني پکڙيل آهي. هنن مطالبو ڪيو ته شڪي نتيجن جو غيرجانبدار ۽ شفاف جائزو وٺي ڪرپشن ۽ اقربا پروري ۾ ملوث عنصرن خلاف قانون موجب ڪارروائي ڪئي وڃي. اڳواڻن سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي ڀرتي واري نظام ۾ سڌارن ۽ ميرٽ تي مستقل ۽ شفاف ڀرتين کي يقيني بڻائڻ جو مطالبو ڪيو. هنن وڏي وزير سنڌ سيد مراد علي شاهه کان اپيل ڪئي ته نوجوانن جي مسئلي جو فوري نوٽيس وٺي کين سندن جائز حق ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 14

ي گادي نشين جي ڀاءُ فقير امجد علي جلالاڻي جي پريس ڪانفرنس رپورٽ موجب درگاهه نصير فقير جلالاڻي جي گادي نشين فقير اوشاق علي جلالاڻي جي ڀاءُ ۽ يوسي نصير فقير جلالاڻي جي چيئرمين فقير امجد علي جلالاڻي پريس ڪانفرنس ڪندي الزام هنيو آهي ته ڳوٺ جو رئيس غلام مصطفي جلالاڻي سندن ذاتي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيو آهي. هن چيو ته اهو پلاٽ اسان جو ذاتي آهي. جڏهن اسان اتي تعميرات شروع ڪرائي ته غلام مصطفي جلالاڻي، سندس پٽ عبدالرحيم، شهيد ڏنو، لعل ڏنو، منير ۽ ٻيا هٿيار کڻي اسان تي حملو ڪيو. فقير امجد علي جلالاڻي وڌيڪ چيو ته اسان حملو ڪندڙن مان ٽن ڄڻن کي پڪڙي ڪنب پوليس حوالي ڪيو هو، پر پوليس انهن کي فوري طور آزاد ڪري ڇڏيو. جوابدار ڌر اسان جي اوطاق تي به حملو ڪري اسان جي ماڻهن کي زخمي ڪيو آهي. جنهن جو ڪيس ٿاڻي تي داخل ڪرايو ويو آهي پر اڃا تائين ڪا ڪاروائي نه ٿي آهي. هن چيو ته جوابدار ڌر سوشل ميڊيا تي جيڪي وڊيوز وائرل ڪري رهي آهي انهن ۾ به صاف نظر اچي ٿو ته اسان جي ڪنهن به ماڻهو وٽ ڪو هٿيار نه هو.

بقايا عوامي سوچ 15

سائين پيرغلام مجددبابا سائين فاروقي مجددسرهندي زيدمجدد جن جي اسلام ڪوٽ لڳ جيئندودرس ۾ جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليه وسلم ۾ شرڪت ڪئي ۽ ڇپي ڇپي تي استقبال هزاري جي تعداد ۾ سرهندي جماعت اسلام ڪوٽ ۾ پنهنجي مرشد جي آجيان ڪئي حضرت مولانا سخي سائين پيربابجي غلام رسول سرهندي حضرت قبلع سائين پيربهاءالدين سرهندي حضرت قبلاپيرسائين عدنان جان سرهندي صاحبان ب سرهندي جماعت جي سرواڻ سان گڏ هئاسرهندي جماعتن جي مخصوصي نعري نعري تڪبير سان فضاوئن گونجديون رهيون ۽ سرهندي جماعت جي نعرن ۽ اڄ ت ميلو مچي ويوباباسائين سرهندي اچي ويوجي نعرن سان علائقو گونجندو رهيو ۽ هزاين جماعتي گڏهئا آخرم باباسائين برسات لاءِ دعان گهريوءَ خليفوبشيرڪرن ساٿس گڏ هو

بقايا عوامي سوچ 16

يٽ غلام نبي ڪوسو، ڊاڪٽر ماروي پليجو، غلام رسول لغاري ۽ ٻين اڳواڻن. ڪارڪنن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌ هزارين سالن کان پنهنجي تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ سڃاڻپ رکندڙ ڌرتي آهي. جنهن جي وحدت کي نقصان پهچائڻ واري ڪنهن به سوچ کي سنڌ جو عوام قبول نه ڪندو. هنن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وسيلن، زمينن ۽ حقن بابت سنڌ جي عوام ۾ وڌندڙ بيچيني کي سنجيدگي سان ڏسڻ جي ضرورت آهي. عوامي پورهيت تحريڪ سنڌ جي وحدت، قومي حقن ۽ عوامي مفادن جي تحفظ لاءِ پنهنجو پرامن سياسي ۽ جمهوري ڪردار جاري رکندي. اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته سنڌ جي مسئلن جي حل لاءِ عوام کي متحد ٿي پنهنجي حقن لاءِ آواز بلند ڪرڻو پوندو هنن سنڌ جي سمورن سياسي، سماجي ۽ قومپرست ڌرين کي اپيل ڪئي ته سنڌ جي وحدت ۽ عوامي حقن جي تحفظ لاءِ گڏيل جدوجهد کي وڌيڪ مضبوط بڻايو وڃي. اڳواڻن مختلف عوامي مسئلن تي پڻ خيالن جو اظهار ڪيو ۽ چيو ته سنڌ جي وسيلن تي سنڌ جي عوام جو پهريون حق آهي جنهن تي ڪنهن کي به قبضو ڪرڻ نه ڏبو.

بقايا عوامي سوچ 17

آيل ناخوشگوار واقعي بعد صورتحال اڃا تائين ڇڪتاڻ واري بڻيل آهي. جنهن سلسلي ۾ پوليس پاران ٻه الڳ الڳ ايف آءِ آر داخل ڪري ٻن ڄڻن کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ذريعن ۽ تفصيلن موجب، رورل هيلٿ سينٽر گهارو جي عملي تي حملي جو سيڪريٽري صحت پاڻ مرادو نوٽيس ورتو هو. جنهن بعد ايس ايس پي ٺٽو، ڊي ايڇ او ۽ مرڪزي انتظاميا سان رابطي کان پوءِ پهرين ايف آءِ آر اسپتال جي ملازم نظير احمد ولد ابوزر جوکيو جي فرياد تي داخل ڪئي وئي. ان ايف آءِ آر ۾ گل محمد ولد ابراهيم، پرويز ولد گل محمد، رمضان ولد گل محمد، الله بخش ولد عزيز الله، سمير ولد فدا حسين، عزيز الله ولد نامعلوم سميت 7 کان 8 نامعلوم جوابدارن کي نامزد ڪيو ويو آهي. جن تي اسپتال ۾ هٿچئي، عملي تي تشدد ۽ سرڪاري ملڪيت کي نقصان پهچائڻ جو الزام لڳيو ويو آهي. جڏهن ته ٻي ايف آءِ آر سجاد علي عمراڻي جي فرياد تي ٻن برادرين جي جهيڙي جي حوالي سان داخل ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ 8 ڄڻن کي نالي ۽ باقي 7 نامعلوم ماڻهن کي جوابدار قرار ڏنو ويو آهي. پوليس ڪارروائي ڪندي خاصخيلي برادري سان تعلق رکندڙ ٻن ڄڻن کي گرفتار پڻ ڪري ورتو آهي. جڏهن ته جهيڙي دوران ٻنهي ڌرين (خاصخيلي ۽ عمراڻي برادري) جا ڪجهه مرد ۽ عورتون زخمي ٿيڻ جو پڻ اطلاع آهي. جيڪي هن وقت ڪراچي جي مختلف اسپتالن ۾ زير علاج آهن. هوڏانهن، خاصخيلي برادري جي متاثرين ميڊيا سان گلشن ڪندي سخت شڪايتون ۽ موقف پيش ڪيو آهي ته سندن ڪجهه ماڻهو به سخت زخمي آهن. گهرن تي عمراڻي برادري پاران حملو ڪيو ويو هو ۽ ماڻهو به سندن گرفتار آهن. پر پوليس سندن ايف آءِ آر نٿي ڪٽي ۽ اسپتال جو ميڊيڪل ليٽر پڻ ڏيڻ کان جواب ڏنو پيو وڃي. هنن وڌيڪ چيو ته اسپتال جي عملي تي حملي وارو الزام بي بنياد آهي. اصل ۾ عمراڻي برادري سان ڪجهه خاصخيلي نوجوانن جو مامرو هو. جنهن کي جواز بڻائي اسپتال جي عملي جي ذريعي متن غلط ايف آءِ آر ڪٽائي وئي آهي. آخري اطلاعن تائين، RHC گهاروجي ملازمن جي احتجاج جو نوٽيس وٺندي ايس ايس پي ٺٽو عديل چانڊيو جي حڪم تي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي. جنهن سبب علائقي ۾ خوف ۽ اسپتال جي عملي ۾ ڌڪاءُ واري صورتحال پڻ موجود آهي. هوڏانهن علائقي جا معزز ۽ چڱا مڙس معاملي کي پرامن طريقي سان سلجهائڻ لاءِ ٻنهي برادرين جي عمائدين سان ڳالهين جون ڪوششون ڪري رهيا آهن ته جيئن علائقي ۾ امن بحال ٿي سگهي

بقايا عوامي سوچ 18

شن ڪاٽيا ويا آهن. گهارو جي سب زونل مينيجر اقبال ڪرناٽي جي سربراهيءَ ۾ ڪيل هن ڪارروائي دوران پمپ هائوس ڪالوني جي ڪي ڊي اي روڊ تي رهائشي علائقي ۾ گئس سپلاءِ لائينن مان ڪُنڊا هٽي گهرن کي ڏنل غيرقانوني ڪنيڪشن هٽايا ويا. ان موقعي تي سب زونل مينيجر اقبال ڪرناٽي عوام کي اپيل ڪئي آهي ته گئس چوري سبب قانوني گهريلو ڪنيڪشنن ۾ پريشر گهٽ ٿيڻ ڪري عام شهرين کي سخت پريشاني کي منهن ڏسڻو پوي ٿو. تنهنڪري شهري گئس جا غيرقانوني ڪنيڪشن لڳائڻ ۽ چوري ڪرڻ جي عمل کان پاسو ڪن. هن سخت لفظن ۾ خبردار ڪيو آهي ته جيڪڏهن ڪنهن به هنڌ گئس چوري يا غيرقانوني ڪنيڪشن جو سلسلو جاري رکيو ويو ته اهڙن عنصرن خلاف سخت قانوني ڪارروائي عمل ۾ آندي ويندي

بقايا عوامي سوچ 19

ٻارن جي ماءُ مسمات پروين زال عبدالجان ڊومڪي متان تشدد ڪرڻ ۽ گرم چانهه هاري ساڙڻ جي ڪوشش زخمي عورت کي علاج لاءِ تعلقہ اسپتال روهڙي آندو ويو جتي متاثره عورت ۽ سندس وارثن موجب پروين تي گهر اندر مبينا طور تشدد ڪيو ويو ۽ گرم چانهه هاري کيس ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي جنهن سبب سندس جسم تي سخت زخمن جا نشان پيا آهن وارثن دعويٰ ڪئي آهي ته عورت جو جسم لڳ ڀڳ 80 سيڪڙو سڙي ويو آهي متاثره عورت پروين جو چوڻ آهي ته ٻه ڏينهن اڳ مينهن ڏوهڻ واري معاملي تان سندس سهري، مڙس عبدالجان ۽ ڏير مبينا طور ساڻس تشدد ۽ تذليل ڪئي سندس دعويٰ موجب کيس گهر مان ڪڍي روڊ تي ڇڏيو ويو جتان هو ماڻهن کان مدد وٺي پنهنجي والدين جي گهر پهتي متاثره عورت جي والد سرفراز ڊومڪي الزام لڳايو ته سندس نياڻي کي مبينا طور مارڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ۽ گرم چانهه هاري سندس جسم ساڙيو ويو سندس چوڻ هو ته واقعي جي مڪمل ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي ذميوارن خلاف قانوني ڪاروائي ڪئي وڃي وارثن موجب واقعي بابت دبر ٿاڻي تي عبدالجان، آغو خان ۽ عمران ڊومڪي خلاف ڪيس داخل ڪرايو ويو آهي متاثر عورت جي وارثن ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف ۽ غيرجانبدار جاچ ڪرائي وڃي مبينا واقعي ۾ ملوث ماڻهن خلاف قانون موجب سخت ڪارروائي ڪئي وڃي ۽ متاثر عورت کي تحفظ ۽ انصاف فراهم ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 20

دِ مصطفيٰ ﷺ منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ علماءِ ڪرام، خطيبن، نعت خوانن، شهر جي معزز شخصيتن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عاشقان رسول ﷺ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. ان موقعي تي جامع مدينه مسجد کي رنگ برنگين بتين ۽ خوبصورت برقي روشنين سان سينگاريو ويو جڏهن ته مسجد جو روحاني ماحول درود و سلام، ذڪر الاهي ۽ نعتِ رسول مقبول ﷺ سان گونجندو رهيو محفل کي خطاب ڪندي مفتي محمد ابراهيم القادري چيو ته نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي ولادتِ باسعادت پوري انسانيت لاءِ الله تعالىٰ جي عظيم نعمت ۽ رحمت آهي حضور اڪرم ﷺ انسانيت کي جهالت جي اونداهين مان ڪڍي ايمان، علم، عدل، محبت، اخوت ۽ حسنِ اخلاق جي روشني عطا ڪئي هن چيو ته عشقِ رسول ﷺ ايمان جي روح آهي ۽ محبتِ رسول ﷺ جو حقيقي تقاضو اهو آهي ته مسلمان پنهنجي زندگي سيرتِ طيبه ۽ سنتِ نبوي ﷺ مطابق گذارين نبي ڪريم ﷺ سچائي، امانت، انصاف، والدين جي احترام، پاڙيسرين جي حقن، غريبن ۽ محتاجن سان حسنِ سلوڪ ۽ يتيمن سان شفقت جو درس ڏنو جيڪڏهن معاشري ۾ امن، سڪون ۽ خوشحالي قائم ڪرڻي آهي ته سيرتِ مصطفيٰ ﷺ کي عملي زندگي جو حصو بڻائڻو پوندو مفتي محمد ابراهيم القادري چيو ته موجوده دور ۾ نوجوان نسل کي سيرتِ نبوي ﷺ سان روشناس ڪرائڻ انتهائي ضروري آهي والدين، علماءِ ڪرام ۽ معاشري جي باشعور ماڻهن کي گهرجي ته نئين نسل جي دلين ۾ محبتِ رسول ﷺ پيدا ڪن ۽ کين سنتِ نبوي ﷺ تي عمل ڪرڻ جي ترغيب ڏين. دنيا ۽ آخرت جي ڪاميابي اتباعِ رسول ﷺ ۾ آهي محفل دوران معروف نعت خوان علي اشرف قاضي، شهزاده توقير انصاري ۽ اظهر درگاهي سميت ٻين نعت خوانن بارگاهِ رسالت مآب ﷺ ۾ عقيدت جا نذرانا پيش ڪيا محفل ۾ صاحبزاده محمد عبيدالله قريشي، مفتي جميل احمد چنا، علامه عبدالروف اجميري، علامه صدرالدين فيضي، علامه افضل حسيني، قاري عبدالماجد سعيدي، قاري نصير احمد چشتي، قاري محمد آصف قادري، مولانا عبدالجبار، محمد اشرف غزالي، امان الله شيخ سميت ٻين علماءِ ڪرام ۽ ديني شخصيتن شرڪت ڪئي ان موقعي تي جامع مدينه مسجد جي پيش امام مولانا ساجد پله چيو ته جشن عيد ميلادالنبي ﷺ خوشي، محبت ۽ عقيدت جو عظيم موقعو آهي محفلِ ميلاد جو مقصد صرف جشن ملهائڻ نه، پر نبي ڪريم ﷺ جي سيرتِ مبارڪ، تعليمات ۽ اسوه حسنه کي عام ڪرڻ پڻ آهي حضور اڪرم ﷺ جي سيرت اسان لاءِ مڪمل رهنمائي جو سرچشمو آهي تنهنڪري پنهنجي ڪردار، معاملن ۽ معاشرتي زندگي ۾ سنتِ رسول ﷺ کي اپنائڻ گهرجي محفل جي اختتام تي پاڪستان جي سلامتي، خوشحالي، امن ۽ استحڪام، عالمِ اسلام جي سربلندي، امتِ مسلمه جي اتحاد ۽ اتفاق ۽ معاشري ۾ محبت، اخوت ۽ ڀائيچاري جي فروغ لاءِ خصوصي دعا ڪئي وئي جامع مدينه مسجد جي انتظاميا پاران شرڪت ڪندڙ سمورن علماءِ ڪرام، نعت خوانن ۽ عاشقانِ رسول ﷺ جا ٿورا مڃيا ويا

بقايا عوامي سوچ 21

ڻ جا حڪم جاري ڪري ڇڏيا آهن. رپورٽ موجب نادر خان جمالي جي ڀاءُ بابر جمالي پاران مبينا پوليس مقابلي کي چئلينج ڪندي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ ۾ 22_اي، بي جي درخواست داخل ڪرائي وئي هئي. جنهن تي عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ ڪيو هو. عدالت محفوظ ڪيل فيصلو ٻڌائيندي دادو جي ان وقت جي پوليس عملدارن ۽ اهلڪارن خلاف قانون موجب ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم ڏنو. عدالتي حڪم ۾ ايس ايڇ او بي سيڪشن خليل احمد مسڻ، ايس ايڇ او اي سيڪشن قربان قمبراڻي، ون فائي انچارج شاهد پنهور، وومين سيل انچارج بينظير جمالي سميت 15 پوليس عملدارن ۽ اهلڪارن جا نالا شامل آهن. عدالت جي فيصلي موجب ان وقت جي ايس ايس پي دادو امير سعود مگسي کان علاوه ٻين لاڳاپيل پوليس عملدارن ۽ اهلڪارن خلاف پڻ ڪيس داخل ڪيو وڃي. هاءِ ڪورٽ جي فيصلي بعد نادر جمالي جي وارثن پاران انصاف جي اميد ظاهر ڪئي وئي آهي

بقايا عوامي سوچ 22

نگي، قربان سولنگي ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾ پنج موڙ کان پيادل مارچ ڪري هٿن ۾ بينر ۽ پلي ڪارڊ کڻي صحت کاتي ۽ ضلعي انتظاميا دادو جي مبينا نااهلي خلاف سخت نعريبازي ڪندي. دادو پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو. ان موقعي تي متاثر ڳوٺاڻن ميڊيا آڏو دانهيندي چيو ته پنج موڙ کان 14 شهيدن تائين روڊ سنگل هجڻ سبب ٽريفڪ جا مسئلا پيدا ٿيڻ سان گڏ حادثا پڻ پيش اچي رهيا آهن. تنهن ڪري روڊ کي فوري طور ڊبل ڪيو وڃي، هنن چيو ته پنج موڙ واري موري جي زبون حالي ۽ ٽٽل هجڻ سبب علائقي جا ڳوٺاڻا سخت تڪليفن کي منهن ڏئي رهيا آهن. هنن وڌيڪ چيو ته ڳوٺ يار محمد مگٽيجو، ڳوٺ نورجا، ڳوٺ شهدا جمالي ۽ ٻين ڳوٺن ۾ قائم ڊسپينسرين مان ڪيترائي مرڪز گذريل 15 سالن کان باقاعدگي سان هلندا رهيا، جتي روزانو 50 کان 60 مريضن جي او پي ڊي ٿيندي هئي. پر گذريل ٻن سالن کان اهي ڊسپينسريون بند پيل آهن. جنهن ڪري علائقي جي غريب ماڻهن کي علاج لاءِ پري پري تائين وڃڻو پوي ٿو. احتجاج ڪندڙ سوين ڳوٺاڻن وزيراعليٰ سنڌ، علائقي جي ايم پي اي، ايم اين اي، ڊپٽي ڪمشنر دادو ۽ اسسٽنٽ ڪمشنر دادو کان مطالبو ڪيو ته پنج موڙ واري ٽٽل موري کي فوري طور بحال ڪيو وڃي. بند پيل ڊسپينسرين کي ٻيهر فعال ڪري مڪمل طبي عملو مقرر ڪيو وڃي ۽ پنج موڙ کان 14 شهيدن تائين روڊ کي ڊبل ڪيو وڃي. ڳوٺاڻن خبردار ڪندي چيو ته جيڪڏهن سندن جائز مطالبا ترت منظور نه ڪيا ويا ته هو احتجاج جو دائرو وڌائيندا ۽ ايندڙ چونڊن ۾ پيپلز پارٽي کي ووٽ نه ڏيڻ جو اعلان ڪندا

بقايا عوامي سوچ 23

هڪ ٽئين نينگري پانسي ڪولهي رات کان گم آهي ۽ وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر ڪيو ويو آهي. اشفاق ٽائون واسي ڊرمي ڪولهي دانهيندي چيو ته رات کان منهنجي 14 ورهين جي نياڻي پانسي مبينه طور لاپته آهي اسان کي اغوا جو شڪ آهي. هن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان جي ڪنهن سان دشمني نه آهي اسان غريب مسڪين آهيون هن ڊي آئي جي حيدرآباد رينج ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان مطالبو ڪيو ته واقعي جي صاف شفاف جانچ ڪرائي اسان جي نينگري بازياب ڪرائي اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 24

اقبال حسين چنا جو گهر هميشه سنڌ جي درد رکندڙ ماڻهن لاءِ کليل رهيو آهي. ڪراچي جهڙي پيٽرياڙ ۽ بوسٽ جهڙي ماحول ۾ هو هميشه سنڌ جي ڪريم کي هڪ جاءِ تي گڏ ڪري. سنڌ جي مستقبل، تعليم، ٻولي ۽ ڪراچي ۾ پنهنجي ماڻهن جي مالڪي جي ڳالهه ڪندو آهي هن موقعي تي ٿيندڙ ڳالهه ٻولهه ۾ شرڪت ڪندڙن چيو ته: جڏهن قومون پنهنجي نسل کي وساري ويهنديون آهن ته اقبال حسين چنا جهڙا ماڻهو ايندڙ نسل لاءِ رستو ڏيکاريندڙ ڏيئا بڻجي ويندا آهن. هو صرف ملاقات نه ڪندا آهن. هو سوچ گڏيندا آهن ۽ تحريڪ جوڙيندا آهن. ڪچهري دوران زور ڏنو ويو ته ڪراچي ۾ سنڌين کي پنهنجي شناخت، حقن ۽ عزت لاءِ متحد ٿيڻو پوندو. تعليم کي عام ڪرڻو پوندو ۽ نوجوانن کي اهڙو ماحول ڏيڻو پوندو جنهن ۾ هو پنهنجي مٽيءَ جي خدمت جو جذبو رکن. ان موقعي تي اقبال حسين چنا چيو ته اسان جو مقصد صرف ڳالهائڻ نه آهي. اسان جو مقصد ڪم ڪرڻ آهي. جيڪڏهن اڄ اسين پنهنجي ٻارن لاءِ عزت، علم ۽ اتحاد جو ماحول نه ڇڏينداسين ته سڀاڻي اسان وٽ ڏيڻ لاءِ ڪجهه به نه بچندو. ڪراچي اسان جو آهي ۽ ان کي اسان ئي سنوارڻو آهي. ملاقات جي آخر ۾ دعا ڪئي وئي ته الله تعاليٰ سنڌ کي دشمنن جي نظر کان بچائي ۽ سنڌ جي خادمن کي وڌيڪ طاقت ڏئي

بقايا عوامي سوچ 25

يح، چندو لال، منير مسيح ۽ ٻين جي اڳواڻي ۾. جڏهن ته سياسي سماجي اڳواڻ ديدار شام جي يڪجهتي سان احتجاج ڪندڙ ملازمن چيو ته حڪومت طرفان وڌايل پگهارون گذريل ٽن مهينن کان کين ادا ناهن ڪيون ويون. هنن چيو ته هو سڄي شهر جي صفائي ڪري شهرين کي سهولتون فراهم ڪن ٿا. پر پنهنجي جائز حق لاءِ آواز اٿارڻ تي کين سختين ۽ ڌمڪين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو. سندن چوڻ هو ته خاص ماڻهن جون پگهارون وڌايون ويون آهن. پر صفائي ڪندڙ عملي سان ڳالهائڻ لاءِ ڪير به تيار ناهي. ملازمن وڌيڪ دانهيو ته موڪل واري ڏينهن تي به کانئن ڪم ورتو وڃي ٿو. جڏهن ته مجبوري سبب موڪل ڪرڻ تي پگهار مان رقم ڪاٽي وڃي ٿي. جيڪا ساڻن ناانصافي آهي. احتجاج ڪندڙ ملازمن وزير بلديات، اعليٰ اختيارين ۽ لاڳاپيل عملدارن کان مطالبو ڪيو ته حڪومت طرفان منظور ڪيل وڌايل پگهارون فوري طور جاري ڪري کين سندن جائز حق ڏنو وڃي. ٻي صورت ۾ سخت کان سخت احتجاجي تحريڪ هلائي ويندي

بقايا عوامي سوچ 26

آفيس توڙي عوامي مسئلن سان لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۾ شڪايتي سيل قائم ڪيا ويندا جيڪي روزانو بنيادن تي ماڻهن جي مسئلن ۽ شڪايتن کي ٻڌندا ۽ انهن جي حل لاءِ کنيل قدمن بابت ڊي سي آفيس کي رپورٽ موڪليندا. اهڙن خيالن جو اظهار هن اڄ ريسٽ هائوس چاڇرو ۾ منعقد ڪيل عوامي کليل ڪچهري کي خطاب ڪندي ڪيو. ان موقعي تي ڳالهائيندي هن چيو ته اڄوڪي کليل ڪچهري لڳائڻ جو مقصد اهو آهي ته غريب عوام سان ملي سندن مسئلا معلوم ڪجن ۽ انهن جي حل لاءِ موقعي تي ڪاروائي ڪجي. هن واسطيدار عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي اڄوڪي ڪچهري ۾ عوام پاران پيشل ڪيل مسئلن ۽ انهن کي حل ڪرڻ بابت ڪيس رپورٽ پيش ڪن. ان موقعي تي ڪچهري ۾ موجود ماڻهن پاران شهر ۾ پاڻي جو کوٽ، گئوچرن ۽ سرڪاري زمين سميت ڳوٺن جي رستن ۽ گذرگاهن تي ٿيل قبضن کي هٽائڻ، ناياب وٽن جي واڌي، صفائي سٿرائي، اسپتال ۾ علاج معالج ۽ دوائن جي اڻهوند، ڀڳل ٽٽل روڊن رستن جي مرمت، نيڪال جي نظام ۾ سڌاري، شهر ۽ ان جي ڀرپاسي منشيات جي وڪري ۽ واهپي، نادرا آفيس ۾ عملي جي کوٽ، نادرا جون گشتي ٽيمون مقرر ڪرڻ سميت ٻيا لاڳاپيل مسئلا ۽ شڪايتون پيش ڪيون ويون. ڊپٽي ڪمشنر سمورا مسئلا ۽ شڪايتون غور سان ٻڌي انهن جي حل لاءِ لاڳاپيل کاتن جي عملدارن کي هدايتون جاري ڪيون، هن اسسٽنٽ ڪمشنر چاڇرو کي هدايت ڪئي ته هو گئوچرن ۽ سرڪاري زمين تي ٿيل قبضن کي فوري ختم ڪرائي ڪيس رپورٽ پيش ڪري. هن عملدارن کي هدايت ڪئي ته اهي سنجيدگي سان عوام جي مسئلن ۽ شڪايتن جو تدارڪ ڪن ٻئي صورت ۾ سندن خلاف ڪاروائي ڪئي ويندي. هن مڪاني کاتن سميت ٻين عملدارن کي چيو ته اهي عوام جي ضرورتن کي منهن ڏيڻ لاءِ پيئڻ جي پاڻي جي فراهمي ۽ نيڪا جي نظام ۾ سڌارا آڻڻ لاءِ جتادار حڪمت تيار ڪن. جڏهن ته موجود وسيلن آهر شهر جي روڊن ۽ پاڙن جي گهٽين جي مرمت کي يقيني بڻائين. کليل ڪچهري ۾ ڳالهائيندي ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز چيو ته سندس آفيس جا در عوام لاءِ کليل آهن ۽ ڪنهن سان به نا انصافي ٿيڻ نه ڏني ويندي، هن چيو ته اڄوڪي ڪچهري ۾ پوليس بابت پيش ڪيل شڪايتن جو فوري تدارڪ ڪيو ويندو، هن پوليس جي عملدارن کي هدايت ڪئي ته شهر ۾ منشيات جي خاتمي سميت ٻين سمورن غير قانوني ڪمن ۽ ڏوهن جو خاتمو آڻين جڏهن ته شهر ۾ ٽرئيفڪ جي رش کي ختم ڪرڻ لاءِ ٽرئيفڪ پوليس جي وڌيڪ نفري مقرر ڪئي وڃي خاص طور اسڪولن جي موڪل وقت.. کليل ڪچهري ۾ ايس ايس پي ٿرپارڪر عارف عزيز، چاڇرو ۽ ڏاهلي تعلقن جي اسسٽنٽ ڪمشنرن سميت ضلعي جي سمورن کاتن جي عملدارن ۽ ٻنهي تعلقن جي عوام جي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا عوامي سوچ 27

ن ڪمن جي مد ۾ ڪروڙين روپيا کاڌا ويا غريب عوام علاج لاءِ پريشان آهي اهڙي خيالن جو اظهار پ پ جي اڳوٽي تعلقه صدر عبدالستار گراٽو . دانش سومرو . اسماعيل شاهه . گلزار خاصخيلي ۽ ٻين ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي ڪيو هنن چيو ته اسان پارٽي سان گڏ سماجي ڪمن ۾ به حصو وٺي رهيا آهيون ڊي سي ٽنڊوالهيار عوام جو هڏ ڏوکي انسان آهي سندس ڪوشش کي ساراهيون ٿا جنهن عوامي شڪايتن تي سول اسپتال پهچي وزٽ ڪيو ۽ سندن ڪرپشن جا چٽا ثبوت عوام سامهون آندا پر سندس ڪاوشن کي ساراهڻ بجاءِ سندس مخالفت ڪري کيس بليڪ مل ڪرڻ لاءِ ايم ايس ۽ ٻين ڊاڪٽرن استعيفي ڏنيون پر اسان ڊي سي جي مڪمل حمايت ڪريون ٿا ۽ عوام جو پئسو کائيندڙن کي بخش نه ڪنداسين هنن چيو ته ڊاڪٽري پيشو مسيحا پيشو آهي جنهن کي بدنام ڪندڙن خلافگهرجي هنن وڌيڪ چيو ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ريفر سينٽر بڻجي چڪي آهي ڪروڙين روپيا بجيٽ هجڻ باوجود غريب عوام علاج لاءِ پريشان آهي پر هاڻ چپ ڪري ويهنداسين هنن وزيراعلي سنڌ . صحت جي صوبائي وزير. سيڪريٽري صحت ۽ ٻين اعلي اختيارين کان گهر ڪئي ته ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ۾ ٿيندڙ ڪرپشن جي انڪوائري ڪري ملوث ماڻهن خلاف سخت ايڪشن کنيو وڃي ۽ ڊي سي کي بليڪ ميل ڪرڻ لاءِ استعيفي ڏيندڙ ايم ايس ۽ ڊاڪٽرن جي استعيفي منظور ڪري کين برطرف ڪيو وڃي

بقايا عوامي سوچ 28

ي قمبر اچي رهيو هو ته رستي تي ون ٽو فائيو موٽر سائيڪل تي سوار ٽن هٿيار بندن ڦورو موٽر سائيڪل ڦر ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي مزاحمت تي نوجوان مٿان فائرنگ ڪري ڏني جنهن جي نتيجي ۾ اعجاز علي ڪوري زخمي ٿي پيو جنهن بعد ڦورو ڀڄي هليا ويا بعد ۾ اطلاع تي پوليس موقعي پهچي زخمي کي طبي امداد لاءِ قمبر ڊي ايڇ ڪيو اسپتال پڄايو.

بقايا عوامي سوچ 29

ورو بار ايسوسيئيشن جا وڪيل سراپا احتجاج بڻجي ويا. ڄامشورو بار جي صدر حيدر علي انڙ، سنڌ بار ڪائونسل جي ميمبر مير احمد منگريو ۽ ٻين وڪيل اڳواڻن جي اڳواڻي ۾ وڪيلن پاران عدالتي ڪارروايُن جو بائيڪاٽ ڪري احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ان موقعي تي وڪيل اڳواڻن ۽ شرڪت ڪندڙن سنڌ جي وحدت، سلامتي ۽ خودمختياري جي حق ۾ نعريبازي ڪندي سنڌ کي ورهائڻ واري ڪنهن به ڪوشش کي رد ڪرڻ جو اعلان ڪيو. وڪيلن چيو ته سنڌ هڪ تاريخي، ثقافتي ۽ جاگرافيائي وحدت آهي. جنهن کي ڪنهن به صورت ۾ ورهائڻ قبول نه ڪيو ويندو. هنن چيو ته سنڌ جي عوام کي پنهنجي ڌرتي، وسيلن ۽ حقن بابت خدشا آهن. تنهن ڪري اهڙن معاملن تي ڪنهن به قسم جي فيصلي کان اڳ سنڌ جي عوام جي راءِ کي اهميت ڏيڻ ضروري آهي. وڪيلن وڌيڪ چيو ته سنڌ جي وحدت خلاف ٿيندڙ هر ڪوشش جي آئيني ۽ قانوني دائري اندر ڀرپور مزاحمت ڪئي ويندي. احتجاج دوران وڪيل اڳواڻن حڪومت ۽ لاڳاپيل اختيارين کان مطالبو ڪيو ته سنڌ جي ورهاڱي بابت پيدا ٿيندڙ خدشن جو فوري طور نوٽيس وٺي عوام کي اعتماد ۾ ورتو وڃي. جڏهن ته سنڌ جي وحدت بابت ڪنهن به قسم جي سازش يا ڪوشش کي رد ڪيو وڃي.

بقايا عوامي سوچ 30

ا آهن. راجا خاصخيلي جي وارثن معشوق خاصخيلي ۽ مريم خاصخيلي صحافين سان ڳالهائيندي الزام لڳايو ته پوليس رات دير سان گهر ۾ داخل ٿي نوجوان کي مبينا تشدد بعد گرفتار ڪري پاڻ سان گڏ وٺي وئي. وارثن جو چوڻ آهي ته پوليس گهر مان روڪ رقم، سون ۽ ٻيو قيمتي سامان پڻ کڻي وئي آهي. جڏهن ته کين خدشو آهي ته گرفتار نوجوان سان تشدد ڪيو پيو وڃي. ٻئي طرف پوليس سان رابطي تي پوليس موقف اختيار ڪيو ته راجا خاصخيلي خلاف منشيات جي الزام تحت ايف آءِ آر داخل ٿيل آهي ۽ کيس ان ئي ڪيس ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. وارثن ايس ايس پي ڄامشورو کان مطالبو ڪيو آهي ته معاملي جو شفاف جائزو وٺي نوجوان سان قانون موجب ورتاءُ يقيني بڻايو وڃي ۽ جيڪڏهن گهر مان سامان کڻي وڃڻ وارو الزام درست آهي ته اهو سامان پڻ واپس ڪرايو وڃي

بقايا عوامي سوچ 31

وجب سيوهڻ ۾ سندس مقرري دوران ڏوهارين خلاف گهربل ڪارروائي نه ٿيڻ ۽ ناقص ڪارڪردگي جي شڪايتن بعد کيس سيوهڻ مان لائين حاضر ڪيو ويو هو. جڏهن ته هاڻي ڄامشورو ۾ پنهنجن حقن جي حاصلات لاءِ احتجاج ڪندڙ خاندان سان مبينا سخت رويي واري معاملي تي پڻ افسوس جو اظهار ڪيو پيو وڃي. مبينا طور احتجاج دوران عورتن سان هٿ ڪس ۽ ڇڪتاڻ واري صورتحال پيدا ٿيڻ سان گڏ ميڊيا سان لاڳاپيل صحافتي دوستن سان مبينا بدتميزي جا واقعا پڻ سامهون آيا آهن. جن کي صحافتي ۽ سماجي حلقن پاران افسوسناڪ ۽ ناقابلِ قبول قرار ڏنو پيو وڃي. شهريادي فرضِ عوام کي تحفظ فراهم ڪارروائي ڪرڻ آهي. جيڪڏهن احتجاج ڪندڙن، خاص طور عورتن، سان مبينا طور نامناسب رويو اختيار ڪيو وڃي ته ان سان عوام جو پوليس تي اعتماد متاثر ٿيڻ جو خدشو پيدا ٿئي ٿو. سماجي ۽ صحافتي حلقن مطالبو ڪيو آهي ته واقعي جي شفاف جاچ ڪرائي وڃي. احتجاج ڪندڙ خاندان ۽ ميڊيا نمائندن سان مبينا بدسلوڪي بابت حقيقتون سامهون آنديون وڃن ۽ جيڪڏهن ڪنهن اهلڪار کان قانون يا ضابطي جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي ته ان خلاف ضابطي موجب ڪارروائي ڪئي وڃي.

نمائندا گهرجن

هر خبر تي نظر

روزاني عوامي سوچ ڪراچي کي سنڌ جي ننڍن وڏن شهرن مان رپورٽر گهرجن صحافت سان دلچسپي رکندڙ اداري سان رابطو ڪن.

رابطي لاءِ:

03072308754_03003924502

صالح پٽ: ڳوٺ حاجي محمد پنجل منگريو ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه جي سلسلي ۾ روح پرور محفل عشقِ رسول صه جو جذبو نمايان

جنهن ۾ علماءِ ڪرام، نعتخوانن ۽ عقيدتمندن شرڪت ڪئي. محفل دوران سڄي ماحول ۾ عشقِ رسول صه ۽ عقيدت جو جذبو نمايان نظر آيو

حضور اڪرم صه جي سيرتِ طيبہ، سندن اعليٰ اخلاق، انسانيت سان محبت، اخوت ۽ ڀائيچاري بابت تفصيلي روشني وڌي

عالمنِ ڪرام پنهنجي خطاب دوران مسلمانن کي حضور پاڪ صه جي تعليمات تي عمل ڪرڻ ۽ سندن سيرتِ مبارڪ کي پنهنجي زندگيءَ لاءِ مشعلِ راهه بڻائڻ تي زور ڏنو

صالح پٽ (رپورٽ غلام نبي ميرجت) صالح پٽ جي ڳوٺ استاد حاجي محمد پنجل منگريو ۾ جشن عيد ميلادالنبي حضرت محمد مصطفيٰ صه جي سلسلي ۾ هڪ شاندار، روح پرور ۽ بابرڪت محفل منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ علماءِ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر1

گهوڙاباري جي ڳوٺ عمرالدين آرائين جي جامع مسجد ڪنزالايمان عمر دين آرائين ۾ عظيم الشان جشن عيد ميلادالنبي صه جو جلسو

حضرت محمد مصطفيٰ صلعم جي شان مبارڪ تي زندگي مبارڪ تي روشني وجهي هڪ الله ۽ ان جي رسول صلعم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪندي سيرتِ مصطفيٰ صه تي روشني وڌي

هن پروگرام ۾ شريڪ نعت خوانن نعت شريف پڙهڻ جي سعادت ماڻي، آخر ۾ ملڪ جي خوشحالي، سلامتي، امن امان لاءِ خصوصي دعائون پڻ گهريون ويون

جنهن ۾ علائقي واسين پڻ وڏي انگ ۾ شرڪت ڪري آيل مهمانن جو ٿورو مڃيو

ٺٽو (رپورٽ واحد شورو) تعلقي گهوڙاباري جي ڳوٺ عمرالدين آرائين جي جامع مسجد ڪنزالايمان عمر دين آرائين ۾ عظيم الشان جشن عيد ميلادالنبي صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو جلسو حافظ علي شير آرائين جي نگراني ۾ منعقد /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر2

سوئي گئس جي چوري ۽ غير قانوني ڪنيڪشنن خلاف مهم ڪي تيز

گهارو جي ڪيترن ئي علائقن ۾ گئس چوري جي نشاندهي ڪري ان خلاف فوري ڪارروائي

سيني سڃاڻپ تيل ڪيسن کي سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ضابطن مطابق حل پيو وڃي

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) سوئي سدرن گيس ڪمپني گهارو جي ٽيم پاران ايس ايس جي سي گهارو جي سب زونل مئنيجر اقبال احمد ڪرناٽي ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر3

اي ڊي سي ون جي صدارت هيٺ ضلعي انٽيليجنس ڪميٽي ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي بابت اجلاس

غير قانوني پرڏيهين جي واپسي واري منصوبي تي عملدرآمد بابت ضلعي سطح جي ڪميٽي جو اجلاس گڏيل منعقد ٿيو

اجلاس ۾ پوليس، اسپيشل برانچ، سي ٽي ڊي، آءِ ايس آءِ، ايم آءِ، آءِ بي، نادرا ۽ ٻين لاڳاپيل ادارن جا آفيسر شريڪ ٿيا

انٽيليجنس معاملن ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي واري منصوبي تي عملدرآمد بابت مختلف معاملن جو تفصيلي جائزو ورتو ويو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشنر ون عمران الحق جي صدارت هيٺ ضلعي انٽيليجنس ڪميٽي ۽ غير قانوني پرڏيهين جي واپسي بابت اجلاس ـ ڊپٽي ڪمشنر ٺٽو سرمد علي پاڳٽ جي هدايتن تي ايڊيشنل ڊپٽي ڪمشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر4

ٿرپارڪر جي بااختيار آفيسر شاهي بااثر ماڻهن آڏو بيوس ۽ مفلوج بڻيل

آفيسر شاهي جو ڪم رڳو نوٽيس جاري ڪرڻ تائين رهجي ويو آهي، جڏهن تہ نوٽيسن تي عملدرآمد بااثر ماڻهن جي مرضيءَ سان ٿئي ٿو

تعلقي مٺي جي ڳوٺ پڇاندبو پار جي 20 ايڪڙ زمين، جيڪا گئوچر جي زمين آهي، تي ڊپٽي ڪمشنر طرفان جاري ڪيل سخت نوٽيس

ڊپٽي ڪمشنر مٺي جو ماتحت عملو غريب ۽ بي سهارا هارين کي قانوني پيچيدگين ۾ ڦاسائي بااثر ماڻهن کي کليل ڇوٽ ڏئي رهيو آهي

مٺي (ڊ۔رمحمدرحيم مگريو) ٿرپارڪر جي بااختيار آفيسر شاهي بااثر ماڻهن آڏو بيوس ۽ مفلوج بڻيل آهي. آفيسر شاهي جو ڪم رڳو نوٽيس جاري ڪرڻ تائين رهجي ويو آهي. جڏهن تہ نوٽيسن تي عملدرآمد بااثر ماڻهن جي مرضيءَ سا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر5

سڄاول جي تعليمي ادارن ۾ سهولتن جي کوٽ ۽ سنڌ ۾ ميرٽ جي لتاڙ خلاف احتجاج

مظاهري ۾ شاگردن استادن ۽ شهرين هٿن ۾ پلي ڪارڊ کڻي ميرٽ جي لتاڙ ۽ تعليمي درسگاهن ۾ گهربل سهولتن جي کوٽ خلاف سخت نعريبازي

هن موقعي تي جي ٽي آئي ضلع صدر عبدالصمد سومرو حنيف سومرو مولوي اشرف ميمڻ ۽ ٻين خطاب

بهترين ادارن ۾ مبينہ ڪرپشن ۽ سفارش ڪلچر هجڻ سبب غريب اميدوارن سان سراسر ناانصافي ٿيندي رهي آهي

سڄاول (رپورٽ امتياز ميمڻ (سڄاول جي تعليمي ادارن ۾ سهولتن جي کوٽ ۽ سنڌ ۾ ميرٽ جي لتاڙ خلاف جميعت طلباء اسلام (جي ٽي آئي) جي سڏ تي جامع مسجد چوڪ سڄاول ۾ احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري ۾ شاگر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر6

پيپلزپارٽي مٽياري پير امير شاهہ هاشمي جنرل سيڪريٽري ضلع مٽياري سيد فضيل حبيب شاهہ جي اعزاز ۾ ڊنر جو انتظام ڪيو ويو

سنڌ سان دشمني ڪنهن بہ صورت برداشت نہ ڪنداسين سنڌ کي ٽڪرن ۾ ڪير بہ نٿو ورائي سگهي : پ پ ضلع مٽياري

سنڌ هڪ آهي ۽ هميشہ هڪ رهندي. هن وقت اسيمبلين سميت هر فورم تي پيپلزپارٽي هي آواز اٿاري رهيو آهي

سنڌ اسيمبلي مان هر وقت هڪ هي آواز بلند ٿي رهيو آهي تہ سنڌ اسان جي ماءُ آهي ڪو بہ حلالي پٽ پنهنجي ماءُ کي حصن ۾ نہ چاهيندو

اوڏيرولال (رپورٽ . ثاقب نور ساهووال) پبلڪ رليشن اينڊ ڪوآرڊينيشن تعلقہ مٽياري غلام رسول آرائين جي طرفان ضلعي صدر پاڪستان پيپلزپارٽي مٽياري پير امير شاهہ هاشمي جنرل سيڪريٽري ضلع مٽياري سيد فضيل حبيب شاهہ ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر7

بلاول ميربحر جي والده مسمات امينہ زال حمزو کي روڊ ڪراس ڪندي ڪراچي واسي تيز رفتار موٽر سائيڪل سوار پاران زوردار ٽڪر هڻي سخت زخمي ڪري وڌو

ٺٽو (رپورٽ واحدشورو) 17 ڏينهن اڳ 26 آگسٽ تي گهارو شهر جي چانديہ محلي جي رهواسي بلاول ميربحر جي والده مسمات امينہ زال حمزو کي روڊ ڪراس ڪندي ڪراچي واسي تيز رفتار موٽر سائيڪل سوار پاران زوردار ٽڪر هڻي سخت زخمي ڪري وڌو هو. جيڪا هن وقت جناح اسپتال ڪراچي ۾ زندگي ۽ موت جي چوواٽي تي پيل اهي، ڪيس مٽي، دماغ، چيلہ، ٻانهن /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر8

پ ٽ الف ڪراچي ڊويزن جو شاندار ورڪرز ڪنوينشن، استادن جي ڀرپور شرڪت، 150 بهترين استادن ۾ تعريفي سرٽيفڪيٽ ورهايا ويا

جنهن ۾ ڪراچي ڊويزن جي مختلف ضلعن ۽ ٽائونن سان تعلق رکندڙ استادن، عهديدارن ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

تقريب ۾ پ ٽ الف جي مرڪزي صدر حاجي شفيع محمد سنيو ۽ مرڪزي جنرل سيڪريٽري سڪندر علي جتوئي خاص شرڪت ڪئي

ڪراچي (رپورٽر) آل سنڌ پرائمري ٽيچرز ايسوسيئيشن (پ ٽ الف) ڪراچي ڊويزن جي اهتمام هيٺ ورڪرز ڪنوينشن ۽ ٽيچرز اپريسيئيشن سرٽيفڪيٽ تقريب انچولي، واٽر پمپ ڪراچي جي هڪ مقامي شادي هال ۾ منعقد ٿي، جنهن ۾ ڪراچي ڊويزن جي مختلف ضلعن ۽ ٽائونن سان تعلق رکندڙ استادن، عهديدارن ۽ تعليم کاتي جي آفيسرن وڏي انگ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر9

ڪراچي ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي ڊي جي فتاح شيخ جو قانون کي ٺڪار ڪورٽ ۾ اڄ بہ پيش ڪونہ ٿيو

سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل فتاح شيخ اڄ بہ قانون ۽ عدالت کي ڪجهه بہ نہ سمجهندي سٽي ڪورٽ ۾ پيش نہ ٿيو

فتاح شيخ پنهنجي جونئر آفيسر ڊپٽي ڊائريڪٽر عابد حسين چانڊيو تي تشدد جا جيڪي الزام لڳايا هئا

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) ڪراچي ڪلچر ڊپارٽمينٽ جي ڊي جي فتاح شيخ جو قانون کي ٺڪار ڪورٽ ۾ اڄ بہ پيش ڪونہ ٿيو تشدد جو ميڊيڪل بہ نہ ڏنو ويو ڪلچر ڊپارٽمينٽ سنڌ جي ڊائريڪٽر جنرل فتاح شيخ اڄ بہ قانون ۽ عدالت/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر10

روهڙي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه جي سلسلي ۾ ساليانو عظيم الشان محفلِ ميلادِ مصطفيٰ صه منعقد

نعت خوانن، شهر جي معزز شخصيتن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ عاشقانِ رسول صه وڏي انگ ۾ شرڪت

ان موقعي تي جامع مدينہ مسجد کي رنگ برنگين بتين ۽ خوبصورت برقي روشنين سان سينگاريو ويو

روهڙي (رپورٽ : جمال ڪٽپر) جامع مدينہ مسجد ٽڪر محلا روهڙي ۾ جشن عيد ميلادالنبي صه جي سلسلي ۾ ساليانو عظيم الشان محفل ميلا/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر20

مسمات پروين زال عبدالجان ڊومڪي مٿان تشدد ڪرڻ ۽ گرم چانهه هاري ساڙڻ جي ڪوشش

پروين تي گهر اندر مبينا طور تشدد ڪيو ويو ۽ گرم چانهه هاري ڪيس ساڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي

جنهن سبب سندس جسم تي سخت زخمن جا نشان پيا آهن وارثن دعويٰ ڪئي

روهڙي(رپورٽ : جمال ڪٽپر) روهڙي پرسان ڊبر ٽاٽي جي حد ۾ پياري واهه وٽ مبينا طور گهر جي معمولي معاملي تان مڙس ۽ ساهرن پاران چهن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر19

گهارو: سوئي سدرن گيس ڪمپني جي ڪارروائي، گيس چوري خلاف غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا

سوئي سدرن گيس ڪمپني (SSGC) پاران گهارو ۾ گيس چوري خلاف اثرائتي ڪارروائي

ڪيترائي غيرقانوني ڪنيڪشن ڪاٽيا ويا آهن

گهارو (رپورٽر) سوئي سدرن گيس ڪمپني (SSGC) پاران گهارو ۾ گيس چوري خلاف اثرائتي ڪارروائي ڪندي ڪيترائي غيرقانوني ڪني/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب18

گهارو: اسپتال واقعي ۽ ٻن برادرين جي جهيڙي بعد ٻہ الڳ الڳ ايف آءِ آر داخل، گرفتارين ۽ ڇڪتاڻ برقرار

گهارو: اسپتال واقعي ۽ ٻن برادرين جي جهيڙي بعد ٻہ الڳ الڳ ايف آءِ آر داخل، گرفتارين ۽ ڇڪتاڻ برقرار

گهارو (رپورٽر) گهارو شهر ۾ ٻہ ڏينهن اڳ عمراڻي ۽ خاصخيلي برادريز جي وچ ۾ ٿيل جهيڙي ۽ رورل هيلٿ سينٽر (RHC) گهارو ۾ پي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر17

واهي پانڌي ۾ عوامي پورهيت تحريڪ پاران سنڌ جي ورهاڱي خلاف جدوجهد جو اعلان

سنڌ هزارين سالن کان پنهنجي تاريخ، ثقافت، ٻولي ۽ سڃاڻپ رکندڙ ڌرتي آهي

جنهن جي وحدت کي نقصان پهچائڻ واري ڪنهن بہ سوچ کي سنڌ جو عوام قبول نہ ڪندو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) عوامي پورهيت تحريڪ طرفان واهي پانڌي ۾ سنڌ جي ورهاڱي واري سوچ ۽ سنڌ جي وحدت بابت مرڪزي اڳواڻ ايڊووڪ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر16

اسلام ڪوٽ لڳ جيئندو درس ۾ جشن عيد ميلاد النبي صلي الله عليہ وسلم ۾ شرڪت

ڇپي ڇپي تي استقبال هزاري جي تعداد ۾ سرهندي جماعت اسلام ڪوٽ ۾ پنهنجي مرشد جي آجيان ڪئي

آخر ۾ باباسائين برسات لاءِ دعا ن گهريو ۽ خليفو بشير ڪرن ساٿس گڏ هو

اسلام ڪوٽ (رپورٽ امان الله هنگورجو) سرهندي جماعت جي سرواڻ پاڪستان مشائخ اتحاد ڪائونسل جي مرڪزي صدر زينت المشائخ قبلہ/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر15

پلاٽ تي مبينہ قبضي جي ڪوشش ۽ گهر ۽ اوطاق تي حملي جي ڪوشش خلاف احتجاج

درگاهہ نصير فقير جلالاڻي جي گادي نشين جي ڀاءُ فقير امجد علي جلالاڻي جي پريس ڪانفرنس

ڳوٺ جو رئيس غلام مصطفيٰ جلالاڻي سندن ذاتي پلاٽ تي قبضو ڪرڻ لاءِ ڪوڙا ڪيس داخل ڪرائي رهيو آهي

فقيرآباد (رپورٽر عبدالرزاق شر) پلاٽ تي مبينہ قبضي جي ڪوشش ۽ گهر ۽ اوطاق تي حملي جي ڪوشش خلاف درگاهہ نصير فقير جلالاڻي ج/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر14

جمعيت طلباءِ اسلام ضلعي ٺٽي پاران ”حقوقِ طلباءِ مارچ، بحالي ميرٽ تحريڪ“ تحت احتجاج

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن جي CCE_2024 سميت تازن نتيجن بابت ميرٽ ۽ شفافيت تي سنگين سوال اٿي رهيا آهن

جنهن سبب هزارين تعليم يافتہ نوجوانن ۾ بيچيني پکڙيل آهي

غلام الله (رپورٽر بابو جان هنگورجو) جمعيت طلباءِ اسلام ضلعي ٺٽي پاران ”حقوقِ طلباءِ مارچ، بحاليِ ميرٽ تحريڪ“ تحت ٺٽو پريس ڪل/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر13

تلهار ۾ جمعيت طلبا اسلام پاران سنڌ ۾ نوجوانن ۽ شاگردن سان مبينا ناانصافي ۽ ميرٽ جي لتاڙ خلاف احتجاج

ريلي ۾ ڪارڪنن ۽ نوجوانن هٿن ۾ بينر ۽ جهنڊا کڻي وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي

سنڌ جي نوجوانن سان ناانصافي ڪئي پئي وڃي ۽ سرڪاري نوڪرين ۾ سندن حقن کي نظرانداز ڪيو پيو وڃي

تلهار (رپورٽ مختياراحمد ملاح) تلهار ۾ جمعيت طلبا اسلام پاران سنڌ ۾ نوجوانن ۽ شاگردن سان مبينا ناانصافي ۽ ميرٽ جي لتاڙ خلاف/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر12

ڳوٺ عمرالدين آرائين جي جامع مسجد ڪنزالايمان عمر دين آرائين ۾ عظيم الشان جشن جو جلسو

جلسو حافظ علي شير آرائين جي نگراني ۾ منعقد ڪيو ويو

ان جي رسول صلعم جي ڏسيل واٽ تي هلڻ جي تلقين ڪندي سيرتِ مصطفيٰ صه تي روشني وڌي

گهوڙاباري (شاهہ خالدڏاتاري) تعلقي گهوڙاباري جي ڳوٺ عمرالدين آرائين جي جامع مسجد ڪنزالايمان عمر دين آرائين ۾ عظيم الشان جشن/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر11

دادو ۾ 9 مهينا اڳ مبينا پوليس مقابلي ۾ مارجي ويل نادر جمالي وارو معاملو هاءِ ڪورٽ جو اهم حڪم

مبينا مقابلي ۾ ملوث 15 پوليس عملدارن خلاف ڪيس داخل ڪرڻ جو حڪم، نادر جمالي جي ڀاءُ بابر جمالي جي 22_اي، بي درخواست تي محفوظ فيصلو ٻڌايو ويو

نادر خان جمالي جي ڀاءُ بابر جمالي پاران مبينا پوليس مقابلي کي چئلينج ڪندي حيدرآباد هاءِ ڪورٽ ۾ 22_اي، بي جي درخواست داخل ڪرائي وئي

جنهن تي عدالت ڌرين جا دليل ٻڌڻ بعد فيصلو محفوظ ڪيو هو، عدالت محفوظ ڪيل فيصلو

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) دادو ۾ 9 مهينا اڳ مبينا پوليس مقابلي دوران مارجي ويل نادر خان جمالي واري معاملي ۾ حيدرآباد هاءِ ڪورٽ اهم فيصلو ٻڌائيندي مبينا مقابلي ۾ ملوث پوليس عملدارن ۽ اهلڪارن خلاف ڪيس داخل ڪر/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر21

پنج مورڙ کان 14 شهيدن تائين ڊبل روڊ، ٽنل موري جي بحالي ۽ بند ڊسپينسرين کي فعال ڪرڻ لاءِ دادو ۾ ڳوٺاڻن جو پيادل مارچ

پريس ڪلب آڏو احتجاج، 15 سالن کان هلندڙ ڊسپينسرين کي 2 سالن کان بند ڪرڻ سان هزارين ماڻهو صحت سهولتن کان محروم

روڊ جي زبون حالي سبب حادثن ۾ اضافو، مطالبا منظور نہ ٿيڻ تي اينڌڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي کي ووٽ نہ ڏيڻ جو اعلان

جيڪڏهن سندن جائز مطالبا ترت منظور نہ ڪيا ويا تہ هو احتجاج جو دائرو وڌائيندا ۽ اينڌڙ چونڊن ۾ پيپلزپارٽي کي ووٽ نہ ڏيڻ جو اعلان ڪندا

دادو (رپورٽ: محمد رفيق چنہ) يو سي پيپري، يو سي اميناڻي، يو سي سيال ۽ ٻين علائقن سان تعلق رکندڙ سوين ڳوٺاڻن صوفي غلام مصطفيٰ مگسيجو، مظهر لاشاري، محمد عيسيٰ عرف ڏاڏو ڪوريجو، الهڏنو جمالي، خادم سولنگي، حميد سول/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر22

ٽنڊوالهيار ۾ 14 ورهين نينگري گم، وارثن پاران اغوا جو شڪ ظاهر

رات کان منهنجي 14 ورهين جي نياڻي پانسي مبينہ طور لاپتہ آهي اسان کي اغوا جو شڪ آهي: ڌرمي ڪولهي

واقعي جي صاف شفاف جانچ ڪرائي اسان جي نينگري بازياب ڪرائي اسان کي انصاف فراهم ڪيو وڃي

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) ٽنڊوالهيار اقليتي برادري سان تعلق رکندڙ نينگرين جي اغوا جو سلسلو رڪجي نہ سگهيو اشفاق ٽائون مان 14 ورهين جي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر23

پي آءِ ڊي سي سوسائٽي ۾ سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا سان اديبن، دانشورن، عالمن وڪيلن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي وڏي ملاقات

اقبال حسين چنا وٽ اهڙيون ڪچهريون هميشہ جو معمول اقبال حسين چنا جو گهر هميشہ سنڌ جي درد رکندڙ ماڻهن لاءِ کليل رهيو آهي

سنڌ جي مستقبل، تعليم، ٻولي ۽ ڪراچي ۾ پنهنجي ماڻهن جي مالڪي جي ڳالهہ ڪندو آهي

ملاقات جي آخر ۾ دعا ڪئي وئي تہ الله تعاليٰ سنڌ کي دشمنن جي نظر کان بچائي ۽ سنڌ جي خادمن کي وڌيڪ طاقت ڏئي

ڪراچي (رپورٽ منصور چانڊيو) پي آءِ ڊي سي سوسائٽي ۾ سماجي اڳواڻ اقبال حسين چنا سان اديبن، دانشورن، عالمن، وڪيلن ۽ سياسي سماجي اڳواڻن جي وڏي ملاقات ٿي. اقبال حسين چنا وٽ اهڙيون ڪچهريون هميشہ جو معمول /ڏسو صفحو 3 بقايا نمب24

ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي جي صفائي ڪندڙ عملي پاران وڌايل پگهارون جاري نہ ٿيڻ خلاف احتجاج

سڄي شهر جي صفائي ڪري شهرين کي سهولتون فراهم ڪن ٿا، پر پنهنجي جائز حق لاءِ آواز اٿارڻ تي کين سختين ۽ ڌمڪين کي منهن ڏيڻو پوي ٿو

خاص ماڻهن جون پگهارون وڌايون ويون آهن، پر صفائي ڪندڙ عملي سان ڳالهائڻ لاءِ ڪير بہ تيار ناهي

مجبوري سبب موڪل ڪرڻ تي پگهار مان رقم ڪاٽي وڃي ٿي، جيڪا ساڻن ناانصافي آهي

ڪوٽڙي(رپورٽر)ميونسپل ڪميٽي ٻولهاڙي جي صفائي ڪندڙ عملي پاران وڌايل پگهارون جاري نہ ٿيڻ خلاف ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو جي آفيس جي مک گيٽ اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪري زوردار نعريبازي ڪئي وئي. شهزاد مسيح، رفاقت مس/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر25

عوام جي مسئلن کي سندن گهرن جي در تي حل ڪيو ويندو: ڊي سي ٿرپارڪر

ڊي سي آفيس توڙي عوامي مسئلن سان لاڳاپيل سرڪاري کاتن ۾ شڪايتي سيل قائم ڪيا ويندا

اچوڪي کليل ڪچهري لڳائڻ جو مقصد اهو آهي تہ غريب عوام سان ملي سندن مسئلا معلوم ڪجن

پوليس عملدارن کي شهر ۾ منشيات جي خاتمي سميت ٻين سمورن غير قانوني ڪمن ۽ ڏوهن جو خاتمو آڻڻ جي هدايت

مٺي / ٿرپارڪر :(رپورٽر) ڊپٽي ڪمشنر ٿرپارڪر عبدالحليم جاگيراڻي چيو آهي تہ عوام جي مسئلن کي سندن گهرن جي در تي حل ڪيو ويندو ۽ ان ڏس ۾ ضلعي انتظاميہ پاران هڪ حڪمت عملي جوڙي پئي وڃي جنهن تحت ڊي سي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر26

پيپلزپارٽي جو منشور عوامي منشور آهي: عبدالستار گراڙو

جتي جتي ڪرپشن ٿئي ٿي اتي اسان جا اعلي آفيسر ۽ چونڊيل نمائيندا پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن

ٽنڊوالهيار جي سول اسپتال شروع کان وٺي مسئلن جي ورچڙهيل هئي دوائن ۽ ٻين ڪمن جي مد ۾ ڪروڙين روپيا ڪاڏا ويا

پ پ جي اڳوڻي تعلقہ صدر عبدالستار گراڙو. دانش سومرو. اسمائيل شاهہ. گلزار خاصخيلي ۽ ٻين ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس

ٽنڊوالهيار (رپورٽر) پيپلز پارٽي جو منشور عوامي منشور آهي جتي جتي ڪرپشن ٿئي ٿي اتي اسان جا اعلي آفيسر ۽ چونڊيل نمائيندا پنهنجو ڪردار ادا ڪندا آهن ٽنڊوالهيار جي سول اسپتال شروع کان وٺي مسئلن جي ورچڙهيل هئي دوائن ۽ ٻي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر27

ٽنڊوالهيار: پ پ جي اڳوڻي تعلقہ صدر عبدالستار گراڙو، دانش سومرو، اسمائيل شاهہ، گلزار خاصخيلي ۽ ٻين ٽنڊوالهيار پريس ڪلب ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي

قمبر لڳ موٽر سائيڪل ڦرجي ڪوشش، هڪ ڄڻو زخمي

قمبر (رپورٽر) قمبر لڳ غيبي ديرو روڊ سان درگاهہ حسين آباد جو رهواسي اعجاز علي ڪور/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر28

ڄامشورو بار جا وڪيل سنڌ ورهائڻ واري سازش خلاف سراپا احتجاج

ڄامشورو (رپورٽر) سنڌ ورهائڻ واري مبينا سازش ۽ سنڌ کي ورهائڻ جي ڪوششن خلاف ڄامش/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر29

نوجوان راجا خاصخيلي جي گرفتاري، وارثن جا الزام

پوليس پوسٽ جي حد، ايڊمور پمپ سامهون، رات جي وقت پوليس مبينا طور گهر ۾ داخل ٿي نوجوان راجا خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو

نوجوان جي وارثن پوليس تي گهر مان روڪ رقم، سون ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي وڃڻ جا الزام لڳايا

ڪوٽڙي سائيٽ(رپورٽر) نوجوان راجا خاصخيلي جي گرفتاري، وارثن جا الزام، پوليس جو منشيات ڪيس داخل هجڻ جو موقف ڪوٽڙي سائيٽ ٿي بي پوليس پوسٽ جي حد، ايڊمور پمپ سامهون، رات جي وقت پوليس مبينا طور گهر ۾ داخل ٿي نوجوان راجا خاصخيلي کي گرفتار ڪري ورتو. نوجوان جي وارثن پوليس تي گهر مان روڪ رقم، سون ۽ ٻيو قيمتي سامان کڻي وڃڻ جا الزام لڳاي/ڏسو صفحو 3 بقايا نمب30

ڄامشورو: احتجاج ڪندڙ خاندان سان بدسلوڪي، پوليس ڪارڪردگي تي سوال اٿڻ لڳا

پوليس جو بنيادي فرض عوام کي تحفظ فراهم ڪرڻ، شڪايتون ٻڌڻ ۽ قانون موجب ڪارروائي ڪرڻ آهي: شهري

ڪنهن اهلڪار ڪان قانون يا ضابطي جي ڀڃڪڙي ثابت ٿئي تہ ان خلاف ضابطي موجب ڪارروائي ڪئي وڃي

ڄامشورو (رپورٽر) ڄامشورو: احتجاج ڪندڙ خاندان سان مبينا بدسلوڪي، پوليس جي ڪارڪردگي تي سوال اٿڻ لڳا ڄامشورو: اڳوڻي ايس ايڇ او منظور دل جي ڪارڪردگي بابت مختلف حلقن پاران سوال اٿاريا پيا وڃن. ذريعن م/ڏسو صفحو 3 بقايا نمبر31